آن لائين

# ڪاوش

# دنيا

آچر 30 مارچ 2025ع

www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya







# عيدالفطر مبارڪ

عيد خوشيءَ جي تصور ڪي پنهنجي وجود سان ويڙهي هلي ٿي. اِهو اُهو ڏينهن آهي، جنهن ڏينهن تي هڪ مذهبي فرض به پورو ٿئي ٿو ته. انساني سماجي سرگرميءَ جو عظيم ترين اظهار به ٿئي ٿو. ڪميونٽيءَ وچ ۾ ميل جول جو عمل ماڻهن ڪي هڪٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ هو هڪ ثقافتي اظهار طور پڻ اُهي انتظام ڪن ٿا. جيڪي پيار جو ئي اظهار ٿين ٿا. ان ڏينهن تي ماڻهن جي وڏي اڪثريت، جنهن ڪي انگريزيءَ ۾ absolute majority چئجي، سي سڀ عيدگاهه ۾ گڏجي عيد نماز ادا ڪن ٿا. اُن ڪانپوءِ هڪٻئي سان ڀاڪر پائي ملي عيد جون مبارڪون ڏين ٿا. ان بعد اُهي رسمون شروع ٿين ٿيون. جيڪي هاڻي اسان جي روايت توڙي ثقافت بڻجي چڪيون آهن. يار دوست هڪٻئي ڏانهن ويندا، ڪچهريون ڪندا، گهرن ۾ سٺا طعام تيار ٿيندا. غريب به پنهنجي وِتَ ۽ وَس آهر سٺا ڪپڙا پائيندا ۽ سٺا کاڌا تيار ڪندا.

ظاهر آهي ته هر نسل جي دور ۾ اهڙا ڏهاڙا ڪنهن قدر الڳ الڳ يادن وارا ٿين ٿا. پر انهن جو جوهر ساڳيو رهي ٿو، يعني بي انت خوشيءَ جي تقسيم. ان جي هوندي به، اها به حقيقت آهي ته شهرن ۽ ٻهراڙين جي وچ ۾ جيئن ٻين روايتن، ثقافتي قدرن ۽ اُٿ ويهه جا الڳ الڳ انداز آهن، تيئن عيد جي موقعن تي به اهي الڳ الڳ ئي رهندا آهن.

وڏن شهرن ۾، جيئن ڪراچي شهر آهي، اُن ۾ جيڪڏهن ڪا هڪ ڪميونٽي هڪ پاڙي ۾ رهي ٿي ته، اهي هڪٻئي سان عيد ملن ٿا، ۽ مختصر ئي سهي پر ڪچهريون ڪن ٿا. عورتون پاڙي جي گهرن ۾ ڪاڏي پيتي جون تيار ڪيل شيون موڪليندیون آهن ۽ دوست پاڻ ۾ ويهي زماني جا حال احوال ڪندا آهن.

ائين به آهي ته عيد جي پهرين ڏينهن تي فيمليز پنهنجي گهرن ۾ ئي رهنديون آهن، پوءِ ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي، جيڪڏهن ڪنهن مائيءَ جا پيڪا يا ڪنهن مرد جا ساهرا ساڳئي نندي وڏي شهر ۾ رهندا آهن، ته اهي انهن سان عيد ملڻ ويندا آهن، پر ٻهراڙيءَ ۾ اهڙي روايت گهٽ آهي.

مختلف ڳوٺن يا ٻين شهرن جا ماڻهو جيڪي ملازمت يا ڪاروبار جي ڪري ڪنهن ٻئي شهر ۾ رهندا آهن ته، اُهي گهٽ ۾ گهٽ هڪ عيد تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ/ شهر ضرور ويندا آهن. باقي جيڪي مزدور شهرن ۾ مزدوريون ڪندا آهن، ۽ پنهنجن گهرڀاتين ڪانسواءِ رهندا آهن، سي لازمي طور پنهنجي ابي امڙ ۽ ٻچڙن سان عيد ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ڳوٺ/ شهر ويندا آهن. ڳوٺ ويندي هُو انڪري به گهڻي خوشي محسوس ڪندا آهن جو هُو وڏن شهرن مان پنهنجي گهرڀاتين جي لاءِ لٽا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان وٺي ويندا آهن، جنهن جو سندن گهرَ ڀاتين کي شديد اوسيئڙو هوندو آهي.

وڏن شهرن ۾ اُنهن خاندانن جي عيد بي مزي هوندي آهي، جن جي رڳو اڪيلي فيملي رهندي آهي، ۽ عيد ڏينهن هو لڳ ڀڳ اڪيلائي هوندا آهن. اُنهن جا ٻارَ پاڙي جي ٻارن سان کيڏندا آهن، پر جيڪا عيد پنهنجن سان ٿيندي آهي، اُن جو مزو ئي پنهنجو هوندو آهي. پوءِ اهڙا خاندان عيد وارن ڏينهن ۾ به هوٽلن جو رخ ڪندا آهن، جيئن پنهنجي ٻارڙن کي ٿورو ٻاهران گهمائي ڦيرائي اچن.

پر عيد رڳو ٽي ڏينهن ناهي هوندي، ان جون تياريون ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ مهيني کان پيون آهستي آهستي هلنديون آهن. ٻارڙا ۽ مردن جا ڪپڙا وٺي درزيءَ کي ڏبا، بوٽ ۽ چپلون وٺبيون، عورتون ۽ ڇوڪريون پنهنجا الڳ وڳا ۽ سينگار جو سامان وٺنديون.

هِن رمضان شريف جي مهيني ۾ ته بازارن ۾ رونق رمضان شريف جي ٻئي هفتي کان پوءِ روزي کولڻ کانپوءِ ٿيڻ شروع ٿي، جا هر نئين رات جو وڌندي رهي. اها رونق عروج تي چنڊ ڏسڻ واري رات تي پهچندي آهي. ڪِن ماڻهن جي لاءِ اِنهن ڏينهن ۾ ٿوري شاپنگ ڪرڻي هوندي، پر بازارن ۾ وڃڻ جو اصل مقصد بازارن جي رونق مان لطف اندوز ٿيڻ هوندو آهي. ڪي خاندان افطار ڊنر تي گڏبا، هڪٻئي کي افطار ڪرائيندا_

۽ روزي رکڻ وارو پهر ته هڪ عجيب رونق ۽ سرور وارو هوندو آهي. اُهي ٻارَ به، جيڪي روزا رکندا آهن، انهن کي انتظار رهندو آهي ته، روزي رکڻ جو وقت ڪهڙي مهل ٿو ٿئي، ۽ جيڪي ٻارَ پهريون پيرو روزو رکندا آهن، انهن کي وري روزو کولڻ وقت هار پارايا ويندا آهن، ۽ خرچي ڏني ويندي آهي. اهي سڀ ڳالهيون ملي هِن مهيني ۽ عيد جي ڏينهن کي مڪمل عبادت وارو بڻائڻ سان گڏ خوشين وارو به بڻائينديون آهن.

سوا وهان سڀني کي اهڙي خوشين ڀري عيدالفطر جون تمام گهڻيون مبارڪون هجن. ■ _/بوعني

# ترڪيءَ ۾ حڪومت مخالف تحريڪ جو نئون اُڀار

سياسي تجزيي نگارن مطابق صدر اردگان استنبول جي ميئر اڪرم امام اوغلو انڪري گرفتار ڪرايو آهي جو هُو تمام گهڻو پاپولر آهي ۽ ايندڙ صدارتي چونڊن ۾، جيڪي 2028 ۾ ٿينديون، ۾ متوقع اميدوار آهي، جيڪو ڪيس شڪست ڏئي سگهي ٿو، انڪري هو چونڊن کان پهريان ئي عوام جي سوچ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هٿڪنڊا استعمال ڪري رهيو آهي، پر ترڪ حڪومت جي ان قدم ميئر جي مقبوليت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي.

الهه بخش راٺوڙ

ترڪيءَ جو شهر استنبول جيڪو حڪومتي تبديلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي، اتان جي ميئر اڪرم امام اوغلو جي گرفتاريءَ صورتحال کي انتهائي ڳنڀير بڻائي ڇڏيو آهي. ميئر کي نه صرف گرفتار ڪيو ويو، پر مٿس ڪاٻي ڌر جي پارٽين ۽ ايسٽائين جو دهشتگرد تنظيمن سان واسطي هئڻ جا به الزام مڙهيا ويا. سياسي تجزيي نگارن مطابق صدر اردگان ان نوعيت جا الزام ميئر تي انڪري مڙهي رهيو آهي جو هُو تمام گهڻو پاپولر آهي ۽ ايندڙ صدارتي چونڊن ۾، جيڪي 2028 ۾ ٿينديون ۾ متوقع اميدوار آهي، جيڪو اردگان کي شڪست ڏئي سگهي ٿو، انڪري هو چونڊن کان پهريان ئي عوام جي سوچ کي تبديل ڪرڻ لاءِ هٿڪنڊا استعمال ڪري رهيو آهي. پر ترڪ حڪومت جي ان قدم ميئر جي مقبوليت ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي.

ترڪ عدالت، جنهن ۾ استنبول جي ميئر اڪرم امام اوغلو کي پيش ڪيو ويو، ان ڪرپشن جي الزامن هيٺ ڪيس جيل موڪلي ڇڏيو، پر مٿس دهشتگرديءَ واري الزام تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو. عدالت به سمجهي ٿي ته، ميئر، صدر جو سياسي مخالف آهي، انڪري هو غداري ۽ دهشتگردي جي الزامن جي بنياد تي عوامي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ کي دعوت ڏيڻ نٿو چاهي.

ميئر جي گرفتاريءَ کانپوءِ ترڪيءَ جي 88 مان 55 شهرن ۾ هزارين لکين شهري روڊن تي نڪتا آهن ۽ هو صدر طيب اردگان جي خلاف نعريبازي ڪري رهيا آهن. يورپي ملڪ ۽ مخالف ڌر جون سموريون سياسي پارٽيون ميئر تي لڳايل الزامن کي سياسي قرار ڏئي رهيون آهن. سياسي مبصرن جو خيال آهي ته، حڪمران پارٽي، جيڪا گذريل 22 سالن کان اقتدار تي قابض آهي، ان کي ميئر جي صورت ۾ اڄ سڀ کان وڏو چيلينج پيش آهي. جيئن ئي ميئر خلاف قدم کڄڻ شروع ٿيا، تيئن ئي ووٽر پولنگ اسٽيشنز ڏانهن ڀڳا ۽ انهن پرائمري چونڊن ۾ صدر جي خلاف ووٽ ڪاسٽ ڪيا. امام علي اوغلو جي حمايت رڳو سندس پارٽي ۾ ناهي، پر عوامي سطح تي پڻ هن کي مستقبل جي صدر طور ڏٺو وڃي ٿو، انڪري اهو امڪان آهي ته، وقت کان اڳ صدارتي چونڊون ڪرائڻيون پونديون، جنهن بعد ئي سياسي هلچل ۾ ماٺار ايندي.



امام علي اوغلو پڻ صدر طيب اردگان سان سياسي ويڙهه جي موڊ ۾ آهي. هُو پنهنجن حامين تي زور ڀري رهيو آهي ته هُو مٿس لڳايل ڪوڙن الزامن کي رد ڪرڻ لاءِ ووٽ جو حق استعمال ڪن، جيئن هڪ ڊڪٽيٽر کي مات ڏئي سگهجي. ميئر ميڊيا جي نمائندن کي چيو ته،"اردگان ملڪ ۾ جمهوريت جي نرڙ تي ڪارو ٽِڪو آهي. اسان سندس سمورن هٿڪنڊن کي ناڪام بڻائيندي ڪيس گهر پيڙو ڪنداسين." حڪومت، جيڪا لاڳيتار اهو چئي رهي آهي ته، عدالتون آزاد آهن ۽ اهي ميئر جي باري ۾ فيصلو ڪنديون، پر حڪومت جي ڪوبه ڳالهه ٻڌڻ وارو ناهي. عوامي ڪاوڙ مان محسوس ڪري سگهجي ٿو ته رستن تي نڪتل لکين ماڻهو ڪنهن وڏي بغاوت کي جنم ڏئي سگهن ٿا، جنهن سان ملڪي سياسي نظام ڊانوان ڊول ٿي سگهي ٿو.

هينئر ميئر جي گرفتاريءَ جا اثر ملڪي سياست توڙي معيشت تي واضح طور پئجي رهيا آهن. مرڪزي بينڪ جي گورنر جو چوڻ آهي ته، هو صورتحال کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، پر معاملا هنن جي هٿن مان نڪري رهيا آهن. ميئر جي گرفتاري سان ترڪ اثاثن جي وڪري ۾ تيزي اچي وئي آهي ۽ ميئر جي جيل وڃڻ سان صورتحال اڃا وڌيڪ خراب ٿي رهي آهي.

ترڪ عدالت جو چوڻ آهي ته، امام اوغلو ۽ 20 ٻين اڳواڻن کي ڪرپشن جي الزام هيٺ جيل موڪليو ويو آهي. ان تي ٻيا الزام به آهن، پر انهن کي ثابت ڪرڻ آسان ناهي. سياسي حلقن جو چوڻ آهي ته، صدر پنهنجن مخالفن تي ان نوعيت جا الزام انڪري هڻي رهيو آهي ته جيئن انهن کي حدن ۾ رکي سگهجي. اهي خبرون به آهن ته استنبول جي ميئر سان گڏ ڇهن ٻين شهرن جي ميئرز کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. هينئر تائين جيڪي پرائمري اليڪشن ۾ ووٽ پيا آهن، انهن جو تعداد هڪ ڪروڙ 48 لک آهي. اهي ووٽ ميئر جي حق ۾ پيا آهن، جنهن کي صدر طيب اردگان بغاوت قرار ڏئي رهيو آهي.

احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ، ميئر جي گهرواريءَ صدر اردگان کي خبردار ڪيو آهي ته، اهو ڏينهن جلد اچڻ وارو آهي، جڏهن ڪيس پنهنجن ڪرتوتن جو حساب ڏيڻو پوندو ۽ اهو ڏينهن اچي ويو آهي، جو صدر مات کائيندو ۽ سندس نالو تاريخ جي ورقن ۾ ڪارن اکرن ۾ لکيو ويندو. ان جي چواڻي، جيڪا ناانصافي ميئر سان ٿي آهي، ان هر باضمير انسان کي جاڳائي ڇڏيو آهي. ملڪ جا شهري ميئر سان گڏ آهن. ميئر جي پارٽي



ترڪيءَ جي صدر رجب طيب اردگان جي خلاف هلندڙ نئين تحريڪ ۾ مظاهرين جي هٿن ۾ جديد ترڪيءَ جي باني ڪمال اتاترڪ جون ڪنيل تصويرون ٻڌائن ٿيون ته هن تحريڪ ۾ ترقي پسند روشن خيال ۽ جمهوريت پسند سڀ گڏ ٿي ويا آهن.

ريپبلڪن پيپلز پارٽيءَ جو چوڻ آهي ته، جيڪڏهن ميئر کي نااهل قرار ڏنو ويو ته هو متبادل اميدوار بيهاريندا، جيڪي صدر اردگان کي مات ڏيندا.



استنبول جو ميئر اڪرم امام اوغلو

ميئر اڪرم اوغلو جي گرفتاريءَ کانپوءِ حڪومت اڳوڻي ٽوئيٽر، ۽ هاڻوڪي ايڪس تي به پابنديون مڙهڻ شروع ڪيون آهن. هيل تائين سوين اڪائونٽس بند ڪيا ويا آهن. حڪومت خبرون ڏيندڙ ادارن، صحافين، سياسي شخصيتن، شاگردن ۽ ٻين شهرين کي نشانو بنائڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. اهي سمورا باشعور شهري آهن، جيڪي سوشل ميڊيا جو استعمال ڪري رهيا آهن. ميڊيا تي پابندين کانپوءِ انهن قدم کي عدالتن ۾ چيلينج ڪرڻ جو سلسلو به شروع ٿي ويو آهي. ملڪ ۾ احتجاج جي ان تيز لهر کي صدر اردگان "اسٽريٽ دهشتگردي" جو نالو ڏنو آهي. هن ٽوئيٽ ڪندي چيو ته، اسان ڪاٻي ڌر جي پارٽين ۽ تخريبڪارن کي اجازت نه ڏينداسين ته هو ملڪي نظام کي تباهه ڪن. اهو وسارڻ نه گهرجي ته، اڪرم امام اوغلو کي حراست ۾ وٺڻ جو فيصلو ان وقت ٿيو، جنهن وقت پارٽيءَ جي 15 لک ميمبرن صدارتي اميداوار لاءِ ڪيس چونڊيو. اهو واحد ميئر آهي، جيڪو ايترو گهڻو مقبول آهي.

ميئر پنهنجو دفاع ڪندي چيو ته، ڪيس ملڪ جي ڏيڍ ڪروڙ شهرين ووٽ ڏنو آهي. اهو صدر اردگان لاءِ واضح پيغام هو ته، هاڻ گهڻو ٿيو ۽ جلدي گهر پيڙو ٿي. عوام جو ووٽ، حڪمرانن کي ڪٿان جو به نه ڇڏيندو ۽ مات ڪين هميشه ياد رهندي.

عالمي سطح تي به اردگان جي ان قدم جي خلاف ردعمل اچڻ شروع ٿي ويو آهي. فرانس جي پرڏيهي وزارت اردگان جي قدم کي جمهوريت تي سنگين حملو قرار ڏنو، جڏهن ته جرمن حڪومت ميئر جي حراست کي ترڪي ۾ جمهوريت لاءِ سنگين شڪست قرار ڏنو. استنبول جي چيف پبلڪ پراسيڪيوٽر به اعلان ڪيو آهي ته، امام اوغلو جي گڏيل ملڪيت واري اڏاوتي ڪمپني کي ضبط ڪيو ويو آهي. ان جي خلاف مالياتي بدعنوانين جي جاچ به شروع ڪنداسين. امام اوغلو جو چوڻ آهي ته، هو ڪڏهن به نه جهڪندا. هو گڏجي حڪومتي من ماني جو خاتمو ڪندا، هو پنهنجن پيرن تي بيٺا آهن ۽ بيٺل ئي رهندا.

استنبول جي ميئر جي گرفتاري کانپوءِ ملڪي مارڪيٽن ۾ ٻاڙائيءَ واري ڪيفيت آهي. ترڪيءَ جي اسٽاڪ مارڪيٽس ۾ 16 سيڪڙو تائين لاٿ آئي آهي، جيڪا 2008 کانپوءِ سڀ کان وڏيڪ لاٿ آهي. ملڪ ۾ مهانگائيءَ ۾ به اضافو ٿي ويو آهي. روزگار جا ذريعا به گهٽجي رهيا آهن. ملڪي سڪو ليرا به پنهنجو ملهه وڃائي رهيو آهي. پرڏيهي سيڙپڪار به ترڪيه جي منڊين مان مُوڙي ڪڍي رهيا آهن. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته، وڏو مالي بحران به منهن ڪڍي سگهي ٿو. ماهرن جو خيال آهي ته جيڪڏهن ملڪ ۾ بڪ ۽ بدحاليءَ منهن ڪڍيو ته سمورا متاثرين روڊن ۽ رستن تي هوندا ۽ صدر اردگان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيندا. ■

# عيدالفطر: ڪير، ڪٿي ۽ ڪيئن ملهائيندو

عيدالفطر جي موقعي تي اول ته اسان پنهنجي سڀ پاران ڪاوش دنيا جي پڙهندڙ، احترام لائق پائرن ۽ ڀينرن کي دل جي گهراين سان عيد مبارڪ چئون ٿا. ان بعد اها ڳالهه ته، هن عيد جي موقعي تي اسان فاصلاتي ڪچهريءَ ۾ پنهنجن پڙهندڙن اڳيان هي سوال رکيو هو: ”اوهان اسان کي ٻڌايو ته، اوهان هيءَ عيد ڪٿي ڪندا؟ ڇا پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪرڻ ويندا ته، ڪهڙي شهر مان پنهنجي ڳوٺ ويندا؟ ٻيو ته اوهان هن عيد جي لاءِ پنهنجي ۽ پنهنجي گهر ڀاتين جي لاءِ ڪهڙي خريداري ڪئي آهي؟ ٻي معنيٰ ۾ عيد جي ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟“ ان سوال جو جواب مهربان پڙهندڙن جيڪو ڏنو، انهن مان چونڊ جواب هيٺي ڏجن ٿا. اوهين پڙهو ۽ ڏسو ته هنن جوابن ۾ ڪيڏا نه معصوم احساس لڪل آهن. _ انچارج

## ڊاڪٽر شير مهراڻي



هيءَ عيد ٻارڙن سان گڏ ڪراچيءَ مان اسهي پنهنجي اباڻي ڳوٺ احدي خان راڄپر ۾ ڪرڻ ويندس. عيد جي لاءِ ٻارڙن جا ڪپڙا، جُتيون ۽ پرفيوم ورتا آهن. ٻارڙن کي عيد جي خرچي ڏيڻ لاءِ نوان نوٽ به ورتا آهن. هن عيد تي ٻارڙن سان گڏ عيد نماز ڪان پوءِ سنڌونديءَ مان نڪرندڙ غير فطري ڪئنالن خلاف احتجاج ۾ شرڪت ڪنداسين. امان ۽ بابا کي سلام ڪرڻ علڻ شاهه جي قبرستانِ وڃبو. جنهن ڪان پوءِ مائٽن سان ملبو. ٻارڙن سان ڪچهريون ڪبيون.

## منل جسڪاڻي



**(ٽنڊوڄام)**

عيد ۽ ان لاءِ شوق سان خريداري ته اڌ صدي اڳ ٿيندي هئي، جيڪا، جيئن پوءِ ٿيئن، اڪثريت لاءِ ته ڏکي ٿي ويئي آهي. هاڻي غربت ايتري وڌي ويئي آهي جو اسان جي ماڻهن جي اڪثريت شايد ئي عيد ملهائيندي ۽ ان جي خريداري ڪندي هوندي.

اڳي سرنديءَ وارا پاڙي جي غريبن جي پاڙهي سار لهندا هئا. هاڻي اهو رجحان به گهٽجي ويو آهي. اڳي غريب گهرندو نه هو، شايد اڄا به اڪثريت گهرندي نه آهي، البت ”گهُر گهُران“ هاڻي ڄڻ ته پيشو ٿي ويو آهي!

هڪ طرف روزگار جا ذريعا گهٽ هئڻ ڪري جهجهي بيروزگاري آهي ۽ ٻيو تعليم ۽ تربيت تي به ڌيان نه آهي. فني سکيا به ڪانهي. سماجي اخلاقيات ۽ پرورش به اڳي وانگر نه آهي، ان ڪري عجيب و غريب صورتحال ۽ ماحول آهي.

منهنجو اباڻو ڳوٺ ٽنڊوڄام کان ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. آئون ٽنڊي ڄام شهر ۾ رهندو آهيان. جيستائين ويجها عزيز حيات هئا ۽ عزيزن ۾ قرب هوندو هو، تيستائين عيد نماز جي ادائگي سميت عيد جو سمورو ڏينهن پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاربو هو. هاڻي گذريل ڪجهه سال وارين عيدن وانگر، عيد نماز پاڙي ۾ ادا ڪري، وچڙي ويل عزيزن جي حاضري ڀري، واپسيءَ ۾ ڪجهه پل ڳوٺ واري گهر وڃڻ ٿيو ته وڃبو.

ماضيءَ کي ياد ڪندي، حال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ عيد ڪان اڳ عيد جي تياري ڪندي، عيد اچي به ويندي ۽ گذري به ويندي. سڀني لاءِ نيڪ تمنائون، سڀني کي عيد جون مبارڪون.

## رحيمداد جوڳي



**(ٺري ميرواهه)**

هونئن ته مان هر عيد پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪندو آهيان. ٻار ٻڌا نوان ڪپڙا ۽ نوان جوتا پائيندا ۽ خوشبوءِ وغيره هڻندا آهن. مان به نوان ڪپڙا ۽ نوان جوتا پائيندو آهيان ۽ خوشبوءِ هڻندو آهيان.

جڏهن ننڍو هيس ته بابا يا چاچا خرچي ڏيندو هو، هاڻي اهي ناهن رهيا ته اُها خوشي به ناهي رهي، پوءِ به پنهنجي اولاد يعني پٽن ۽ نياڻين جي خوشي ڏسي عيد ٿي ويندي آهي.

عيد جي ڏينهن بابا کان سواءِ امڙ جون اکيون ڏسي اداس ٿي ويندو آهيان. هيءَ عيد سنڌوءِ درياهه سان يڪجهتي طور ملهائي ويندي. نه ڪنهن وڏيري سان عيد ملبي، نه ڪنهن پير سان. ۽ نه ئي ڪنهن جيالي سان پاڪري پائي ملبو. بس هڪ ئي نعرو ”نامنظور نامنظور سنڌو درياهه تي ڪينال نامنظور“ هوندو.

## جسارت الياس جوکيو



**(مڪلي، ٺٽو)**

هن عيد تي آئون ۽ سنڌو ٻئي گڏجي بابا ۽ امان سان ملڻ لاءِ ڳوٺ اسماعيل جوکيو، لڳ چوڪندي، ملير ويندا سين. بابا سائين، جنهن 1959ع ۾ پنهنجو پهريون ڪتاب ”قلوءَ جي شادي“ نالي ڇپرايو (جنهن جا هن وقت تائين لاتعداد ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن)، اسانجي ڪوهستان جو پهريون اديب ۽ ليکڪ آهي، جنهن جو ڪتاب ڇپيو هو. بابا سائين اڄڪلهه ملير ۾ رهي ٿو سندس ڄڻو آهي ته، سموري سنڌ پنهنجو ڳوٺ آهي، پوءِ پلي ڪراچيءَ جو ڪوهستان هجي يا ٺٽي جي چپر وارو ڪوهستان. اسين عيد تي بابا سان علمي ڪچهري ڪرڻ ويندا سين.

## فهميده شرف بلوچ



مان عيد ڪراچيءَ ۾ ڪنديس، پر مان سمجهان ٿي ته اسان جون عيدون تيستائين عيدون هيون، جيستائين بابا ۽ ڀاءُ جن هئا. هاڻ اهي مون لاءِ بس هڪ رسم آهن. ان جي باوجود مان پنهنجيءَ امڙ جي خوشيءَ خاطر عيد ضرور ڪندي آهيان. مان عيد جي خريداري آن لائين ڪئي آهي، ان سان وقت جي بچت ٿي. مان هاڻي به عيدون ڳوٺ ۾ ڪرڻ چاهيان ٿي، پر ڳالهه اها آهي ته، اتي پنهنجو آهي ڪير؟ جن پيارن ساڻ عيدون هيون، اهي ته مٽيءَ هيٺيان آرامي آهن.

## عبدالله آس هنگورجو



**(ٻڳهار، مني، ٿر)**

اسين گذريل ڇهن پنجن سالن کان منيءَ ۾ رهون ٿا، پر عيد پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٻڳهار ۾ ڪنداسين. اسانجو ڳوٺ ٻڳهار منيءَ کان اسلام ڪوٽ روڊ تي مني کان 15 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. تنهن ڪري گهر ڀاتين ۽ ويجهن رشتيدار سان گڏجي عيد جون خوشيون ملهائينداسون. هن عيد تي پنهنجن ٻارڙن لاءِ نوان ڪپڙا ۽ نيون نيون شيون جهڙوڪر رانديڪا وغيره خريد ڪيا آهن. هُونئن به عيدون ته هونديون ئي ٻارڙن جون آهن. ڇا ته هُو خوشي ملهائيندا آهن.


## يوسف جميل لغاري



**(ٺري ميرواهه)**

هميشه جيان هيءَ عيد نماز به پنهنجي پيارن سان گڏ ڳوٺ ۾ پڙهڻ نصيب ٿيندي. گڏوگڏ هيل اهو ضرور آهي ته، منهنجي عارضي رهائش ٺري ميرواهه شهر ۾ آهي، جتان عيد جهڙي وڏي ڏينهن پنهنجي اباڻي ڳوٺ وڃڻ جو لطف ڏاڍو ايندو ۽ پنهنجي پيارن سان ملي عيد جون خوشيون ڀيٽيون ٿي وينديون. عيد جي تياريءَ جي حوالي سان اهو ٻڌائيندو هلان ته عام رواجي طور عيد تي پائڻ لاءِ حسبِ ضرورت سامان، جنهن ۾ ڪپڙا ۽ چمپل شامل آهي، اهي ئي وٺي سگهيا آهيون. چو ته پاڻ جهڙو پگهاردار طبقو، پيٽ پالڻ ۾ ئي پورو آهي. انهن جون خواهشون اڻپوريون ئي رهجي وڃن ٿيون ۽ ضرورتون پورو ڪرڻ ۾ ئي جمار گذري وڃي ٿي.

## غلام علي گل پجورو




آئون هيءَ عيد خوشبو نگر شهر ٻيلي جي، پنهنجي اباڻي ڳوٺ حاجي پير ڏنو پجورو ۾ ڪندس، جتي عيد نماز ادا ڪرڻ ڪانپوءِ پنهجي دوستن سان عيد گاهه ۾ ڳلي ملي عيد جون مبارڪون ڏئي، سڌو گهر اچي امڙ کي عيد جون وڌايون ڏيندس.

عيد جي خاص تياري ناهي. پنهنجي لاءِ هڪ نئون سينڊل خريد ڪيو اٿم، باقي استري ٿيل جوڙو پائي پنهنجي گهر وارن سان عيد جي خوشين ۾ شريڪ ٿيندس. عيد ته ٻاروڻ واري هئي. هاڻي صرف رسمون ادا ڪندا آهيون. ننڍن ٻارن کي عيد تي خوش ڏسي پنهنجو ماضي ياد اچي ويندو آهي.


مالڪ سائين سڀني کي عيد جون حقيقي خوشيون نصيب ڪري، آمين.

## قاسم خاصخيلي



**( سڪرنڊ)**

هن سال عيد ڪراچيءَ ڪان پنهنجي اباڻي شهر سڪرنڊ وڃي ڪرڻ جو ارادو آهي. باقي رهي ڳالهه خريداري جي، ته ماشاءُ الله رب پاڪ جي مهربانيءَ سان هن سال ٻچڙن سميت پنهنجي لاءِ به عيد جي ڪافي خريداري ڪئي آهي. عيد ڳوٺ ۾ ڪرڻ جو مزوئي الڳ آهي. عيد تي پراڻا سنگتي ۽ مِٽ مائٽ ملندا آهن. ان موقعي تي پنهنجي شهر جون رونقون ڏسڻ جو موقعو ملندو آهي.






## ساقي شيخ

عيد هميشه پنهنجن سان ڪٽي ويندي آهي. جيڪا عيد مُسافتن ۾ گذري يا پنهنجن کان پري، اها عيد بس صرف گذاري ويندي آهي، ڪٽي ناهي ويندي.
گذريل سال مون ٻئي عيدون پنهنجن کان پري پنهنجي گهر ۽ شهر کان پري ڪيون هيون، پر هيءَ عيد پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ پنهنجي امڙ، پيءُ، ڀينرن، جيون ساٿي ۽ پنهنجي ٻچڙن: ننڍڙي شاويز ۽ ننڍڙي ڌيءُ رُوماسا سان گڏ ملهائيندس.
عيد جي آمد جي خوشيءَ جو احساس ڪمال جو هوندو آهي. ڪيتري شدت هوندي آهي ان جي انتظار ۾! مون هن عيد تي پنهنجي لاءِ فقط ٻه جوڙا ڪپڙن جا ورتا آهن. هونئن به عيدون ٻارن لاءِ هونديون آهن. مون: شاويز ۽ رُوماسا لاءِ ڪپڙن جا جوڙا، سينڊل ۽ ٻيو سامان ورتو آهي_ ۽ شاويز جي ماءُ به ڏاڍي خريداري ڪري آئي آهي پنهنجي لاءِ.

## هريش مهيشوري

**(ميرپورخاص)**

عيدالفطر جو تهوار فقط مسلمان ڀائرن جو تهوار نه آهي، پر اهو سڀني مذهبن سان تعلق رکندڙ، هم خيال، هڪٻئي جي خوشين ۾ شرڪت ڪندڙن توڙي عقيدت ۽ احترام جو جذبو رکندڙن جو تهوار آهي. الله سائين سڀني سنڌ واسين کي خوش ۽ آباد رکي.

## نديم ڪوثر

**(قلجي اسٽيشن)**

عيدون _ خوشيون _ غم توڙي زندگيءَ جا مختلف روپ انسان جي رواں سفر جو حصو آهن. هن ڀيري منهنجي عيد نهايت ئي افسرده ڪيفيت ۾ گذرندي، ڇاڪاڻ جو منهنجي جيجل امڙ رمضان جي هن ڀلاري مهيني ۾ اسان کي اڪيلو ڪري جسماني طور جدا ٿي وئي آهي. امان جي وڃڻ بعد گهر ٻُسو ٻُسو لڳي رهيو آهي. اسان جو اڱڻ ويران لڳي ويو آهي. ابي کان پوءِ امان جي وڃڻ بعد هيءَ پهرين عيد مڪمل يتيميءَ ۾ گذرندي. . . . رب پاڪ امان جيجل ۽ ابي سميت سڀني وڇڙي ويل عزيزن کي جنت ۾ جايون ڏيندو.

## شمن اوٺو مهراڻوي

**(مٺي، ٿرپارڪر)**

عيد خوشين جو تهوار آهي. اسين اها عيد پنهنجي ڳوٺاڻن سان گڏ ڳوٺ ملهائيندا آسين. ۽ اها روايت به آهي ته عيدون پنهنجن سان ئي ڪٻيون آهن. عيد تي پنهنجن سان ڪچهريون ڪجن، ڏک سور ٻڌجن، سلجن، ۽ ڪوشش ڪجي ته پيار، پريت ۽ خوشيون ونڊجن. عيد کي خوب انجواءِ ڪجي ۽ لطف اندوز ٿجي.

## آفتاب سليمان لغاري

آئون هر سال جيان هيءَ عيد به پنهنجي جنم ڀومي، ڳوٺ سهراب لغاري، تعلقي ڇمبڙ ۾ ڪندس. دراصل عيد جو تهوار خوشيون ڪٺي ايندو آهي. عيد جي ڏينهن پنهنجن ۽ پراون سان ميل ملاقاتون ٿينديون آهن، پر هاڻوڪي عيد ايندي ئي آئون اها سرهائي محسوس نه پيو ڪريان، جيڪا محسوس ٿيڻ کپي، ڇاڪاڻ ته هڪ پاسي ڌرتي، وطن ۽ وسيلا پنهنجي وس مان پيا وڃن، ته ٻئي پاسي سنڌوءَ تي لڳندڙ ڌاڙو هر خوشي کي بي رنگ ڪندي هاڻوڪي عيد جي خوشين ۾ ڇڻ خلل پيو وجهي. باقي هيل عيد جي ڪا خاص خريداري ناهي ڪئي، ڇاڪاڻ ته ساڻيهه سنڌ جي هن صورتحال کي ڏسندي دل ڏاڍي اداس آهي. من ماندو آهي. ڪاش! سنڌو درياهه کي سڪائڻ جا ٿيندڙ سانباهه بند ٿي پون ۽ ماروئڙن جون مرڪون موٽي اچن ته هوند هر ڏهاڙو پاڻ کي عيد جيان محسوس ٿئي.

## جاويد مريد نهڙيو

آئون عيد پنهنجي اباڻي ڳوٺ پوريلو، ٿرپارڪر ۾ پنهنجن مائٽن ۽ ٻارن سان گڏ ڪندس. اسين مڊل ڪلاس جا ماڻهو آهيون. چوٽ مهانگائيءَ جي دور ۾ پڻ ٿر جي راڄڌاني: شهر مٺي مان وس آهر پنهنجن ٻارن ۽ والدين لاءِ سِنا ڪپڙا خريد ڪرڻ سان گڏ عيد جي کاڌ خوراڪ لاءِ پڻ ڪافي سامان خريد ڪيو آهي. عيد خوشيءَ جو ڏهاڙو آهي، جيڪو انشاءَ الله سٺي نموني سان ملهائينداسين. گڏوگڏ آس پاس جي غريب ۽ مستحق ماڻهن جي سار لهڻ جي پڻ ڪوشش ڪبي، جيئن اهي پڻ عيد جي خوشين ۾ شامل ٿي سگهن.

## اڪبر لغاري

**(تعلقو شجاع آباد، مکڻ سمون)**

هيءَ عيدالفطر آهي، جنهن کي ”مٺي عيد“ به چوندا آهن. عيدون مذهبي عقيدي سان گڏ ميل ميلاپ جو پڻ هڪ بهترين ڏڻ آهن. اسان هيءَ عيد پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ڪنداسين. جتي عيد نماز پڙهي پنهنجي اباڻي قبرستان وڃي پنهجي وڏن تي قل بخشي، پوءِ سنگت ۽ مِٽن سان ملنداسين. جيڪي رهندا، انهن کي فون تي مبارڪون ڏينداسين. باقي تياري اها آهي ته استري ٿيل وڳو پائبو.

## ذوالفقار علي نهڙي

**(ڳوٺ ڪيتار، ڇاڇرو، ٿرپارڪر)**

غريبن جون ڪهڙيون عيدون؟ اڄ به سنڌ جو غريب غربو ٻن ويلن جي ماني ڪائڻ لاءِ پريشان آهي. مهانگائيءَ جي هن دور ۾ عيدون ڪنهن کي ياد آهن؟ پوءِ به غريب عوام هيءَ عيد خوشي ۽ خير سان ملهائيندو. عيد آخر به عيد آهي. پريشان عوام کي هڪ ڏينهن ته مرڪڻ جو موقعو ملندو آهي. اسان هيل عيد پنهنجي اباڻي گهر ۾ ڪنداسين.

## مير سردار چنڙ

هيءَ عيد ملهائڻ جي لاءِ حيدرآباد مان پنهنجي ڳوٺ: ڀاٽ شريف، ضلعي دادوءَ آيا آهيون. هر سال جيان هن ڀيري به سڀني گهروارن عيد جي خوب خريداري ڪئي آهي، باقي پاڻ هن ڀيري ڪپڙن جو صرف هڪ جوڙو ورتو آهي. عيدن ۾ هاڻ ڪجهه خاص مزو ناهي رهيو، تنهن هوندي به سڀني سان ملڻ جو موقعو ملندو آهي.


## شبير حسين

اسان ابن ڏاڏن کان عيد ڳوٺ ڪندا آهيون، جيتوڻيڪ شهر لڏي ويا آهيون، پر ڳوٺ جي عيد جو مزو ئي پنهنجو آهي، ڇو جو اسانجو ننڍپڻ ڳوٺ ۾ گذريو آهي. عيد ته ننڍڙن ٻارڙن جي خوشيءَ جيان هوندي آهي. عيد تي ٻارڙن جون شاهه خرچيون هونديون آهن، جڏهن ته اسان وڏڙا سادگيءَ سان عيد ملهائيندا آهيون. ■

## اڄ 30 مارچ تي ”زيان جي خاتمي جو عالمي ڏينهن“ آهي
## International Day of Zero Waste 2025

# بچيل کاڌي کي گھٽائي 8 ڪروڙ ماڻهن کي روزانو هڪ ويلي جي ماني کارائي سگهجي ٿي

قدرتي وسيلن جي استعمال ۾ اضافي، موسمياتي تبديلين ۽ فطرت ۽ حياتياتي ماحول جي نقصان، ۽ آلودگي: ڌرتيءَ کي تاراج ڪرڻ جو ٽيٽو بحران پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان اڪ نه پٽي ته سن 2050 ع تائين گهريلو ڪچري جي پيداوار لڳ ڀڳ 4 ارب ٽنن تائين پهچي ويندي. هر سال ٽيڪسٽائل سيڪٽر عالمي سطح تي 2 ڪان 8 سيڪڙو گرين هائوس گيس جي اخراج جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهو 215 ٽريلين ليٽر پاڻي استعمال ڪري ٿو، جيڪو 86 ملين اولمپڪ سائيز جي سوئمنگ پولن جي برابر آهي. لباس استعمال ڪرڻ جي مدت کي ٻيڻو ڪرڻ سان گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ 44 سيڪڙو گهٽتائي ايندي.




عبدالرحمٰن پيرزادو

14 ڊسمبر 2022 ع تي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي پنهنجي 77 هين اجلاس ۾ هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو هئو ته، 30 مارچ کي ’زيان جي خاتمي جو عالمي ڏينهن‘ ڪري هر سال ملهايو ويندو. گڏيل قومن جو ماحولياتي پروگرام (UNEP) ۽ گڏيل قومن جي انساني آبادڪاري پروگرام (UN_Habitat) گڏيل طور تي رڪن ملڪن ۾ زيان جي خاتمي جو عالمي ڏينهن ملهائڻ کي آسان بڻائين ٿا. هن سال جو ”زيان جي خاتمي جو عالمي ڏينهن“ فيشن ۽ ٽيڪسٽائل شعبي ۾ ڪپڙي جي زيان کي گهٽائڻ ۽ فيشن ۽ ٽيڪسٽائل ۾ ڪچري جي خاتمي طرف اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ ترت ڪارروائيءَ جي ضرورت تي زور ڏئي ٿو.

هن مهم جي حصي طور ميمبر رياستون، گڏيل قومن جي نظام جون تنظيمون، سول سوسائٽي، خانگي شعبو، تعليمي ادارا، عورتون، نوجوان ۽ ٻين هم خيالن کي قومي، صوبائي، علائقائي ۽ مقامي سطح تي ڪچري جي خاتمي وارين ڪوششن ۽ جٽادار ترقي حاصل ڪرڻ ۾ انهن جي تعاون جي شعور کي وڌائڻ جي سرگرمين ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني وئي آهي.

ياد رهي ته اسان ماڻهن جي غير پائيدار پيداوار ۽ استعمال جا طريقا ڌرتيءَ کي تباهي ڏانهن ڌِڪي رهيا آهن. گهر، ننڍا ڪاروبار ۽ عوامي خدمت فراهم ڪندڙ ادارا هر سال ٻن کان اڍائي ارب ٽن گهريلو گند ڪچرو پيدا ڪن ٿا، جنهن اليڪٽرانڪس کان پلاسٽڪ ۽ ڪاڌي جي استعمال ٿيل شين تائين شامل آهن، جڏهن ته مڪاني نظام تحت هلندڙ ادارا صفائي سترائيءَ جي انتظامن جون خدمتون سنڀالڻ لاچار آهن.

دنيا ۾ لڳ ڀڳ 3 ارب ماڻهن کي اهو گند ڪچرو گڏ ڪري صفائي ڪرڻ جي مڪاني خدمتن تائين رسائي ڪونهي ۽ صرف 60 سيڪڙو آباديءَ کي ٿوريون گهڻيون مڪاني سهولتون ميسر آهن. اسان سڀني کي هڪ ٿي ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ فوري طور تي گڏيل عمل ڪرڻ گهرجي.



sdg.iisd.org

ڪپڙي جي پيداوار ۽ استعمال ۾ تيز واڌ شعبي ۾ پائيداري جي ڪوششن کان اڳتي وڌي رهي آهي، جنهن جي ڪري سخت ماحولياتي، معاشي ۽ سماجي اثر پئجي رهيا آهن، خاص طور تي گلوبل سائوٿ ۾ سن 2000 ع کان سن 2015 ع تائين ڪپڙي جي پيداوار ٻيڻي ٿي وئي ۽ اڃا تائين، 92 ملين ٽن ڪپڙي جو ڪچرو عالمي سطح تي پيدا ٿئي ٿو. اهو هر سيڪنڊ ۾ ڪپڙن سان ڀريل هڪ ڪچري جي ٽرڪ جي برابر آهي، جيڪو ساڙيو ويندو آهي يا ڪنهن کڏ ۾ پورڻ لاءِ اسرندڙ ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي.

هن مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ پائيدار پيداوار ۽ استعمال، ۽ جٽادار حل ذريعي ڪاروهنوار ۾ تبديليءَ جي ضرورت آهي. ڪچري مان آجپو هن تبديليءَ جي ڪنجي آهي.

صارف پاران ٻيهر استعمال، مرمت ۽ وري استعمال لائق بنائڻ جهڙن طريقن کي اختيار ڪرڻ سان ماحولياتي نقصان کي گهٽائي سگهئون ٿا. هريرو فيشن کان پري ٿيڻ ۽ پائيدار، اعليٰ معيار جي ڪپڙن ۾ سيڙپڪاري نه رڳو وسيلن کي بچائيندي آهي، پر روايتي پائيداري طريقن کي به مانُ ۽ عزت ڏيندي آهي.

جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ته هن سال جو ”زيان جي خاتمي جو عالمي ڏينهن“ فيشن ۽ ٽيڪسٽائل شعبي ۾ ڪپڙي جي زيان کي گهٽائڻ ۽ فيشن ۽ ٽيڪسٽائل ۾ ڪچري جي خاتمي طرف اڳتي قدم وڌائڻ لاءِ ترت ڪارروائيءَ جي ضرورت تي زور ڏئي ٿو. ان ڏس ۾ خانگي شعبي کي اهڙيون شيون ڊزائين ڪرڻ جي ذميواري کڻڻ گهرجي، جيڪي پائيدار، مرمت لائق ۽ ري سائيڪل لائق هجن، جڏهن ته اهڙن ڪاروباري طريقن کي اختيار ڪرڻ گهرجي، جيڪي ڪيميائي آلودگيءَ کي گهٽائين، پيداوار جي مقدار کي گهٽائين، پائيدار مواد استعمال ڪن، ۽ حياتياتي ماحول کي ٻيهر تعمير ڪرڻ ۾ مدد ڪن. جدت ۽ جوابدهيءَ سان ڪاروباري حڪمت عملين جي رهنمائي ڪرڻ گهرجي.





دي يونائيٽيڊ نيشنس جي ويب پيج تان ورتل




ان ڏس ۾ حڪومتون هڪ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون، مثال طور اهي اهڙي قانونسازي ڪن ۽ انهن کي لاڳو ڪندي، نقصانڪار ڪيميائي موادن کي منظم ڪندي، ري سائيڪلنگ انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري ڪندي، پائيدار ڪاروباري ماڊلز کي ترغيب ڏين ته جيئن بهتر معيشت ڏانهن منتقلي کي هٿي وٺرائي سگهجي.

هن زيان جي خاتمي واري عالمي تحريڪ کي فروغ ڏيڻ سان 2030 جي جٽادار ترقيءَ جي 17 سٽائن ۾ شامل سيني مقصدن ۽ هدفن کي اڳتي وڌائڻ ۾ مدد ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ جٽادار ترقيءَ جو 11 ۽ 12 سٽاءُ شامل آهي. اهي سٽاءَ سيني قسمن جي ڪچري مان پيدا ٿيندڙ مسئلن کي حل ڪرڻ جو سڏ ڏين ٿا، جن ۾ کاڌ خوراڪ جي زيان ۽ ڪچري، قدرتي وسيلن جي ڪڍڻ وقت پيدا ٿيندڙ ڪچرو ۽ اليڪٽرانڪ ڪچرو شامل آهن.

جيڪڏهن اسان دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ سيني قسمن جي ڪچري کي معياري شپنگ ڪنٽينرز ۾ بند ڪري نڪاٽي لڳايون ته رڳو هڪ سال ۾ پيدا ٿيندڙ گهريلو ڪچرو 25 ڀيرا دنيا جي چوڌاري لپيٽجي ويندو.

ياد رهي ته وسيلن جي استعمال ۾ اضافي، موسمياتي تبديلين ۽ فطرت ۽ حياتياتي ماحول جي نقصان، ۽ آلودگي: ڌرتيءَ کي تاراج ڪرڻ جو ٽيٽو بحران پيدا ڪيو آهي. جيڪڏهن اسان اک نہ پٽي ته سن 2050ع تائين گهريلو ڪچري جي پيداوار لڳ ڀڳ 4 ارب ٽنن تائين پهچي ويندي.




هر سال ٽيڪسٽائل سيڪٽر عالمي سطح تي 2 کان 8 سيڪڙو گرين هائوس گيس جي اخراج جو سبب بڻجي ٿو ۽ اهو 215 ٽريلين ليٽر پاڻي استعمال ڪري ٿو، جيڪو 86 ملين اولمپڪ سائيز جي سوئمنگ پولن جي برابر آهي. لباس استعمال ڪرڻ جي مدت کي ٻيڻو ڪرڻ سان گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ 44 سيڪڙو گهٽتائي ايندي.

اسان جيڪڏهن بچيل کاڌي کي گهٽايون ته لڳ ڀڳ 8 ڪروڙ فردن لاءِ هڪ ويلي جو سبب جڙي سگهي ٿو. هن وقت دنيا ۾ پيدا ٿيندڙ خوراڪ جو پنجون حصو بنا استعمال جي گهريلو ڪچري جي شڪل ۾ ضايع ٿئي پيو.

ميونسپالٽيون شهري زراعت کي فروغ ڏئي سگهن ٿيون ۽ جانورن جي پالنا، زراعت، وڻڪاري ۽ ٻين شعبن ۾ کاڌي جي ڪچري کي استعمال ڪري سگهن ٿيون. اهي کاڌي جي ڪچري کي ڀاڻ ٺاهڻ جي منصوبن ۾ استعمال ڪري سگهن ٿيون. کاڌي جي ڪچري کي گهريلو سطح تي باقي ڪچري کان ڌار ڪري سگهن ٿيون ۽ کڏن ۾ کاڌي جي پورڻ تي پابندي لڳائي سگهن ٿيون. ساڳئي وقت، صارف کي گهرجي ته اهي رڳو اهو خريد ڪن، جيڪو انهن کي گهربل هجي. گهٽ پرڪشش پر مڪمل طور تي کائڻ لائق ميوا ۽ ڀاڄيون خريد ڪري واپرائن. کاڌي کي وڌيڪ سگهڙائپ سان ذخيرو ڪن. بچيل شيون خاص ڪري رڌل کاڌا ٻيهر استعمال ڪن. کاڌي جي ڪچري کي اڇلائڻ بدران گڏ ڪن ۽ خراب ٿيڻ کان اڳ کاڌو ڪنهن گهرجائوءَ حوالي ڪري ڇڏن.

ٽيڪسٽائيل جي صنعت مان پيدا ٿيندڙ ڪچري جو ٻيهر استعمال نہ هئڻ برابر آهي، پر جيڪڏهن ٿورو ڌيان ڏجي ته ان ڪچري مان به ڌاڳو ٺاهن. جيڪو ڪپهه پوکي ڌاڳي ٺاهڻ کان سستو به پوندو ۽ ڪچرو به استعمال ٿي ويندو

اليڪٽرانڪ ڪچرو خاص ڪري ڪمپيوٽر، موبائيل فونون ۽ ٽيليويزن. انهن کي هر سال نئين براند خريد ڪرڻ بدران جيڪڏهن اپگريڊ ڪري استعمال ڪرڻ جو رواج هجي ته ان شعبي مان پيدا ٿيندڙ ڪچرو به گهٽائي سگهجي ٿو. ان سان گڏ پيداواري عمل ۾ وسيلن جي استعمال کي بهتر بنائڻ لاءِ جدت جو آڌر ڪرڻ گهرجي. پلاسٽڪ، خاص ڪري هڪ ڀيرو استعمال وارين مصنوعات کي گهٽائڻو پوندو، خطرناڪ ڪيميائي مادن کي تلف ڪرڻ جي ملڪي قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻو پوندو ۽ مڪاني ادارن طرفان ڪچري کي جمع ڪرڻ، ڪٽڻ، تلف ڪرڻ يا کڏن حوالي ڪرڻ جي طورطريقن تي نظرثاني ڪري انهن ۾ جدت پيدا ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. ■



# ”نيل ندي هوندي ته اسان به هونداسين“


مدهوش مير

قديم مصر ۾ نيل نديءَ جي تاريخ تمام اهم رهي آهي، ۽ ان تي قابض ٿيڻ لاءِ مختلف حملي آور ايندا رهيا. هيڪسوس (Hyksos)قبيلن 17هين صدي ق.م. ۾ مصر تي قبضو ڪيو، پر مصري فرعون ڪاموس ۽ احمس اول نيل نديءَ جي ڪنارن تي سخت مزاحمت ڪندي انهن کي شڪست ڏني. تاريخ ۾ لکيل آهي ته، ڪاموس ۽ احمس اهي فرعون هئا، جن چاقوءَ سان پنهنجي ٻانهن کي وڍ ڏئي نيل ندي کي ڪجهه رت ڦڙا ڏئي هي تاريخي جملا چيا ته، ”تون ندي ناهين، اسان جي ماءُ آهين. ماءُ جي تحفظ ۾ وڙهندي اسان مري وڃون ته اسان لاءِ اعزاز هوندو..“

پوءِ ڪاموس ۽ احمس گڏيل فوج سان نيل ندي کي سلامي پيش ڪندي چيو ته، ”اي نيل ندي، تون هميشہ انهن جا نالا ياد رکندينءَ، جيڪي تنهنجي جي لهرن لاءِ پنهنجو رت ارپي ويا. انهن جون قربانيون رائيگان نہ وينديون، ڇو ته سندن نيڪيءَ جا وهڪرا هميشہ جيئرا رهندا. جنهن ڌرتيءَ تي رت وهندو آهي، اها ڌرتي پوڄا لائق ٿي ويندي آهي. اسان جا ساٿي، جيڪي نيل نديءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو نذرانو ڏئي ويا، سي هميشہ جيئرا رهندا. سمنڊ جي ڇولين سان انهن جو نالو ڳنڍيل رهندو. هوا جي ساهن ۾ انهن جو عزم سمايل آهي، ۽ تاريخ جي صفحن تي انهن جا نالا سونهري اکرن سان لکيل رهندا. جيڪي نيل نديءَ لاءِ پنهنجو رت ارپي ويا، سي صرف ماڻهو نہ، پر امر داستان بڻجي ويا!“ ■

# سوئر جو شڪار، ڪتن جي لوڊِ، قسم، لوڏائي ۽ شڪارين جون ڳالهيون

سوئر جي شڪار لاءِ هي ٽي ڪتا اهم هوندا آهن: ڳولهو ڪتو، راڙو ڪتو ۽ واڻو ڪتو. جهنگ ۾ لوڏائين کي خبر پوندي آهي ته، سوئر اتي آهي ته، شڪار دوران وٽ وٺان ۾ هڪبِئي کي قبلو ڏسيندا ته، اتر ٿو وڃيئي، ڏکڻ ڏانهن وريو ٿي، هاٽي اوپر اچيئي ٿو.... شڪار جي اها گهڙي اهڙي هوندي آهي، جو لوڏائي شڪار جي مستيءَ ۾ سيٽيون وڄائيندا آهن. جڏهن سوئر جي شڪار بابت امداد خاصخيلي، ڪانيو خاصخيلي، دلبر، شمن ۽ اعظم خاصخيلي سان ڪچهري ٿي ته، هنن ٻڌايو ته، سوئر وڏو ويڙهاڪ ۽ ضدي جانور آهي، جيڪو شڪار دوران ڏڦي لڳڻ سان زور ڏيندو آهي. جيئن سور ٿيندس، تيئن زور لڳائيندو، پلي وڃجي وڃي.



تحرير ۽ تصويرون:
مختيار شاهنوازاڻي

اتر ڪاڇي عرف چانڊڪي ڪاڇي ۾ سوئر جو شڪار عام جام ٿئي ٿو. چانڊڪي ڪاڇي ۾ ٽي ڍنڍون: ساروهه، بدام ۽ ڪاڇڙي آهن. انهن ۾ جابلو نئن جو برساتي پاڻي وهي اچي ٿو، جنهن ڪري انهن ۾ وڏو گاهه، نڙ پن، ڏير ۽ ڪَلُ ٿئي ٿي. ڍنڍن جي اوسي پاسي مختلف وڻ، ڪبڙ، لئي ۽ ڪنڊي جون جهتان به ٿين ٿيون. ان سان هڪ وڏو لِڪُ ٺهي پوي ٿو ۽ ان لِڪَ واري وسيع ايراضي ۾ سوئر رهندو آهي. اتي سوئر جي شڪار جا شوقين ماڻهو ڪتن جي مدد سان سوئر جو شڪار ڪندا آهن.



لوڊ ڇا کي چئجي ٿو؟

”لوڊ“ سنڌي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: هڪ کان وڌيڪ ڪتا. خاص ڪري جنهن ۾ ڏهه ٻارهن ڪتا هجن. هتان جي مختلف ڳوٺن مان ڪتن جا خفتي پنهنجو پنهنجو هڪ هڪ ڪتو ڪاهي اچي ان لوڊ ۾ شامل ڪندا آهن. لوڊ ۾ شامل سمورن ڪتن مان سوئر جي شڪار لاءِ هي ٽي ڪتا اهم هوندا آهن: 1. ڳولهو ڪتو، 2. راڙو ڪتو ۽ 3. واڻو ڪتو. سوئر جي شڪار لاءِ خاص صلاحيتون رکندڙ ڪتن جو ڪم هي هوندو آهي: ڳولهو معنيٰ ڳولهيندڙ، واڻو معنيٰ وڻندڙ ۽ راڙو معنيٰ رڙيون ڪري ٻڌائيندو ۽ لوڊ کي رڙ جي بنياد تي خبردار ڪندو ته سوئر هتي آهي. سڀ ڪتا اوڏانهن زور ڏيندا. جيئن ته ڪتن جا اهي قسم سوئر جي شڪار لاءِ اهم آهن، پر هڪ سڄاڻ ۽ هوشيار شڪاريءَ جو چوڻ آهي ته، راڙي ڪتي ڪانسواءِ لوڊ سُڄي ۽ اڻپوري هوندي آهي، چوته راڙي ڪتي جي ذريعي ئي سوئر تائين پهچي سگهجي ٿو. سوئر اهڙو سُنپرو تيز جانور آهي، جيڪو عام ڪتي تي ڪَن ئي نه ڏيندو آهي، پر جَي راڙي ڪتي جي ڏپ پهتس ته پوءِ تيار ٿي ويندو ته مقابلو ٿيڻ وارو آهي.

جهنگ ۾ لوڏائين کي خبر پوندي آهي ته، سوئر اتي آهي ته، شڪار دوران وٽ وٺان ۾ هڪبِئي کي قبلو ڏسيندا ته، اتر ٿو وڃيئي، ڏکڻ ڏانهن وريو ٿي، هاٽي اوپر اچيئي ٿو.... شڪار جي اها گهڙي اهڙي هوندي آهي، جو لوڏائي شڪار جي مستيءَ ۾ سيٽيون وڄائيندا، هڪ ٻئي کي گارين جا دس لائي ڏيندا آهن ۽ سوئر جي موجود هئڻ ڪانپوءِ شڪارين جي پنهنجي لسانيات هوندي آهي،





جنهن کي شڪار دوران هڪ لوڏائي ئي سمجهي سگهي ٿو.

شڪار جي خفتي سراج احمد خاصخيليءَ ٻڌايو ته، ڪتن جا مختلف قسم ٿين ٿا، جن ۾ نج تازي ڪتو، اڪثر سوئر سان ويڙهه ناهي ڪندو. تازي ڪتو جسم ۾ سنهو ٿيندو آهي ۽ پيرن ۾ وڏو تيزرو هوندو آهي. جهاز تازي، ڪساري تازي، ڏُناڙي، ننڍو تازي ۽ ڪار مڪس، به سرو واڻو ڪتو ڪار ٿيندو آهي، جيڪو سوئر سان وڙهندو آهي. سوئر جهنگ ۾ ڪتن سان وڙهڻ وقت ٿاٽو ڏيندو. ”ٿاٽو“ لفظ اصل سوئر تان استعمال ٿيل آهي. لوڪ ڏاهپ جي ڄاڻو منظور احمد مارفاڻيءَ پنهنجي ڪتاب ”وارهه گزيٽيئر“ ۾ شايع ٿيل انٽرويو ۾ چيو آهي ته، اسان وٽ سوئرن جو شڪار به تمام گهڻو ٿيو. چوندا آهن ته، سوئر کي غيرت نه هوندي آهي. ڪِنڊ چئبو آهي، جيڪي ننڍا سوئر ٿيندا آهن. ٻلهو ڪنڊ معنيٰ ننڍو ٻلهر معنيٰ ٿورو وڏو ڪنڊ. مادي سوئر ڦر گهڻا ڄڻيندي آهي. پهاڪو آهي ته، نر جو نڪتل مادي سان وڙهي، مادي جو نڪتل ڪنهن سان وڙهي. اهو ڇا هوندو آهي ته ان کي مُهريون هڻندي آهي. ٻيو چوندا آهن ته، ”آل وڙهي يا ملهه وڙهي.“ اهو پهاڪو به شڪار تي آهي، يعني تمام طاقت وارو ڪتو وڙهي يا آل يعنيٰ بيخبر.

ٻيو "ٽاٽو" لفظ سوئر تي نڪتل آهي، جيڪو هڪ خاص لفظ آهي. سوئر ٽاٽو ڏيندو آهي. ٻي ٽاٽي تي ٻيٺل آهي. واتوڙيل. "واتوڙيل" اهو لفظ آهي، جنهن کي ڪتي جو زخمي ٿيل چئجي يعنٰي اهو چتو ٿئي ۽ ٻئي ٽاٽي تي ٻيٺل هجي. پهرين ٽاٽي تي گهٽ وڙهندو آهي، جڏهن ٻئي ٽاٽي تي ايندو ته چتو هوندو، ان کي دنيا جي ٻي ڪا به شيءَ نظر نه ايندي. ڪتو آيو، ماڻهو آيو، اصل ڏاري وجهندس. سوئر جڏهن ٽاٽو ڏيندو آهي ته، اچي پٽ تي نه ڏيندو آهي. هو جهنگ ۾ پني ڏئي پاڻ لڪائي ويهندو. باقي اڏو وارو حصو مٿي ڪري ويڙهه لاءِ تيار رهندو. ٽاٽو ڏئي ويهي رهيو ته، معنٰي ويڙهه لاءِ سنيري ويهي رهيو. ته اهو ڏنائين ٽاٽو. سوئر جي رهائش کي ٿمر سڏبو آهي، جتي هو ويٺڪ ڪندو آهي. اهو سَرن جو ٻوڙو هوندو آهي، ڇوته سَرن جو ٻوڙو پڪو ۽ مضبوط هوندو آهي، جتان شڪاري ڪتي جو مُنهن ٽپي سوئر تائين پهچي نه سگهندو آهي. ان تي ڦهاڪو به آهي ته، "ڪو سَرن جو سوئر آهين." سوئر اڪثر پاڙي، ڏيرِ ۽ لئين ۾ به هوندو آهي. سياري جو پاڙيءَ کان ٻاهر، ٿڌ جي ڪري تڙڪي تي به نڪري ويهندو آهي.

سوئر جي ڪاڌ خوراڪ ڪٽڪ جي موسم ۾ آپوءَ ڪانوڻي ديرن تائين ڪٽڪ ڪائيندو آهي. سارين جي مند ۾ ساريون پچڻ تي اينديون ته، ان جو انيارو ڪيرو ڪائيندو ۽ فصل جي آبادي نه هجڻ جي صورت ۾ ڪَلُ جي موٽ تي مارو هوندو اٿس. پاڙيءَ ۾ مڇي ۽ جانور به ڪائي ٿو. مادي سوئر کي وج نه ٿيندا آهن. نر سوئر کي وج هوندا آهن. جيڪو عمر جي حساب سان وڃن جا آڱر وڌائيندو به ويندو آهي، جنهن کي آڱر جي نشاني تي ڇهه آڱريو ست آڱريو چيو ويندو آهي.

سوئر جا هتي اڪثر ٽي رنگ: ڪارو ڀورو ۽ چانهيو ٿين ٿا. مادي سوئر لَڳُ سانوڻ هاڙهه چاليهي ۾ ڪري ٿي ۽ مادي سوئر ٻچا پنجن کان ڇهه ست ڄڻي ٿي. نر سوئر کي پنهنجي روهي ٿيندي آهي، جيڪا ڪاڏي ڪاڻ وقت ڳياڙي هلڻ سان وڃن کي تکو ڪندي آهي، جنهن کي شڪاري "منگلي" چوندا آهن.

جڏهن سوئر جي شڪار بابت امداد خاصخيلي، ڪانيو خاصخيلي، دلبر، شمن ۽ اعظم خاصخيلي سان ڪچهري ٿي ته، هنن ٻڌايو ته، سوئر وڏو ويڙهاڪ ۽ ضدي جانور آهي، جيڪو شڪار دوران ڏڦي لڳڻ سان زور ڏيندو آهي. جيئن سور ٿيندس، تيئن زور لڳائيندو، ڀلي وڃي وڃي. سوئر ويڙهه وقت راباهو ڪندو. هونئن ته ريهه ڪيڪٽ به ڪري ٿو. سوئر کي جيئرو پڪڙڻ جو طريقو



پنجوڙ هوندو آهي، جنهن کي "نڙو" به چوندا آهن، جيڪو شڪار جو خبروار هوندو، اهو پڪڙيل سوئر کي ڏڦو ڪش ۾ هٽندو ۽ اڪثر شڪار ۾ ڪتن ۽ سوئر جي ويڙهه دوران ڏڦو هٽبو ناهي، پر اهڙي ٽيڪنڪ سان ڏڦو چلبو آهي، جو سوئر ان ۾ اچي لڳي.

اڳين زماني ۾ ڏڦي جا ڪاريگر سِڪ هوندا هئا. پوءِ اهو هنر ماڇين جي هٿ چڙهيو. اڄ تائين ماڇين کي ڏڦير سڏيو وڃي ٿو. ڏڦو رڪ مان ٺهي ٿو. ڏڦي کي به مُنهن هوندا آهن. ڏڦي جي منهن کي ڀُرچئبو آهي ۽ پر جي مٿان ڏڦي کي منگلي ٿيندي آهي، جيڪا سوئر جي ڪل کان ٽپي نه پوي. ڏڦي جو ڳن بانس جو هوندو آهي، جنهن کي "ڇهڙ" چئبو آهي. ڏڦي کي روهي يا پٿر تي چيربو ناهي. ان کي واري پتو لڳندو آهي. سوئر پنهنجي وڃن سان ڪَلُ جا موٽ ڪيڻ وقت ڏرتي کي هَرجيان پٽيندو آهي. سوئر پنهنجو ڦٽ چٽي ناهي سگهندو، ڇوته هن کي ڪنڌ ۾ ڪلي لڳل آهي، جنهن ڪري ڪنڌ ورائي ناهي سگهندو.

جڏهن ڏينڊن ۽ ڊورن ۾ پاڻي وڌي ٻوڏ جي صورت اختيار ڪندو آهي ته، سوئر خشڪيءَ طرف هليو ويندو آهي ۽ فصل دوران جوئر جي ڪانن ۾ به رهندو آهي، ڇوته سوئر لِڪَ کي ترجيح ڏيندو آهي. لوڏائين کي اوڙي پاڙي يا تر ۾ سوئر جي ڪڙڪ پوندي ته، سوئر جي ڳولها شروع ڪندا. سوئر جو رَندُ به ڪٽندا، جتان اچي وڃي ٿو. اُتي چانڊوڪي رات ۾ چاري تي ٿارو هٽندا ۽ پنيراڪي جو وڃي سوئر جي کُرجو پتو لڳائيندا.

شڪار هڪ شوق هجي ٿو، جنهن سان شڪاري جو وڏو لڳاءُ هوندو آهي ۽ جهنگ هن جي جوءِ آهي. ڪتا ۽ ڪوڪاري شڪاري جو پسنديده پيشو آهي. ان شڪاري پسمنظر کي پٽائيءَ به هِن طرح چٽيو آهي:

نه ڪتا نه ڪوڪار نه سڏ شڪارين
جهنگل ڪدي پار اُپو آهيڙين کي. ■



# نَو مهينا خلا ۾



ليکراج مينگهواڙ

خلا جي وسعتن ۾ نَو مهينا سفر ڪندي سنيتا وليمز ۽ بوچ ولمور جڏهن واپس ڌرتيءَ تي لٿا، ته ائين لڳو ڄڻ ڪنهن پُراسرار ڪائناتي طوفان مان انساني حوصلي جي مشعل سلامت موٽي آئي هجي.

"رات جي ويڪري نيري چادر تي ٽمڪندڙ تارن کي ڏسندي اسان هميشه اهو سوچيو هئو ته آسمان کان مٿي ڇا آهي؟ اتي زندگيءَ جا ڪيئن روپ هوندا؟" اسان جي ذهن ۾ ڪيئي سوال اُڀرندا رهيا، پر سچ اهو آهي ته، جوڳيءَ جي تنبوري وانگر وڄندڙ خلا، ڪنهن راهب جي چپ وانگر خاموش آهي، نه اتان آواز اچن، نه اتان خوشبو ايندي. بس هڪ اڻپڇايل سوالن جو سلسلو آهي، جيڪو هزارين ورهين کان هلندو اچي ٿو.



سنيتا وليمز ۽ بوچ ولمور انهن ئي سوالن جا جواب وٺي ڌرتيءَ تي موٽيا آهن. انهن نوَ مهينن تائين نه رڳو خلا جي وحشتن کي منهن ڏنو، پر انسان جي سگهاري سائنس، صبر ۽ جدوجهد جو جيئرو جاڳندو مثال پڻ بڻيا.

تصور ڪريو ته توهان هڪ اهڙي جڳهه تي آهيو، جتي وقت جو ڪو وجود ناهي. جتي ڏينهن ۽ رات جو فرق ختم ٿي وڃي ٿو، جتي زمين جو گهمڻُ رڳو هڪ بصري نظارو بڻجي وڃي، خلا ۾ رهڻ جو مطلب آهي ته توهان پنهنجي جسم جي فطري حساب کي وساري ڇڏيو.

سنيتا ۽ بوچ لاءِ اهي نوَ مهينا عام زندگيءَ جا نه هئا. جسم تي مائڪرو گريوٽيءَ جا اثر، هڏين جي ڪمزوري، عضون جو سنهائپ اختيار ڪرڻ ۽ رت جي گردش جا بدلجندڙ نظام، انهن سڀني حالتن جي باوجود، اهي ڌرتيءَ ڏانهن واپسيءَ لاءِ هر ڏينهن هڪ نئين اميد سان جيئرا رهيا.

19 مارچ 2025 جو ڏينهن، جڏهن انهن جو ڊريگن خلائي جهاز ڌرتيءَ جي فضا ۾ داخل ٿيو، ته اها هڪ عام واپسي نه هئي، پر اها سائنس جي هڪ معجزي جي واپسي هئي. هڪ اُها ڌرتي هئي، جيڪا ڪروڙين سالن کان ساڳي آهي، ۽ هڪ اُهي مسافر هئا، جيڪي نَو مهينن کان هڪ اهڙي جڳهه تي رهيا، جتي نه آڪسيجن، نه هوا ۽ نه پاڻي هو بس هڪ خاموشيءَ جي سلطنت هئي.

جڏهن هو زمين تي لٿا، ته سندن چهري تي نه رڳو ڪاميابيءَ جي روشني هئي، پر سندن جسم ۾ ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهن کان مختلف ڪشش هئي. شايد اها ئي ڪشش آهي، جيڪا انسان کي آسمان ڏانهن اُڏاريندي رهي ٿي.

اها رڳو هڪ مشن جي ڪاميابي ناهي، پر هڪ سوال به آهي: ڇا انسان واقعي خلا کي پنهنجو نئون گهر بڻائي سگهي ٿو؟ ڇا ڌرتيءَ کان ٻاهر زندگيءَ جا امڪان موجود آهن؟ ڇا اسان مريخ، چنڊ يا ٻين سيارن تي پنهنجا ننڍڙا گهر اڏي سگهون ٿا؟

سنيتا ۽ بوچ جي واپسي انهن سوالن جو آغاز آهي. اڄ اسان خلا ۾ مسافر موڪلي رهيا آهيون، سڀاڻي اسان خلا ۾ بستيون آباد ڪندا سين. سائنس جي هن سفر ۾ ماڻهو رڳو هڪ جاندار نه، پر روشنيءَ جو هڪ اهڙو ذرڙو بڻجي ويو آهي، جيڪو اونداهين کي چيريندو اڳتي وڌي رهيو آهي.

خلا جي سفر جي ڪهاڻي رڳو راڪيٽ، مشنن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڪهاڻي نه آهي، پر اها انسان جي حوصلي، جذبي، ۽ اُميد جي ڪهاڻي به آهي. جتان جتان اسين اڳتي وڌنداسين، اتي اتي اسان لاءِ نيون سرحدون کُلينداسين. شايد ايندڙ صديءَ ۾ اسين ڪنهن نئين ڌرتيءَ تي پنهنجو گهر اڏينداسين. شايد اسين ڪنهن اڻڄاتل سياري تي محبت جا شعر لکنداسين. شايد اسين ڪنهن ٻي دنيا ۾ فلسفي جا ڪتاب پڙهنداسين، پر ان جو بنياد، اڄ جون اهي اُڏامون آهن، جيڪي اسان کي خلا جي اڻکٽ وسعتن ڏانهن وٺي وڃن ٿيون.

سنيتا وليمز ۽ بوچ ولمور رڳو ڌرتيءَ تي واپس نه آيا آهن، پر هو اها اُميد پاڻ ساڻ کڻي آيا آهن، جيڪا اسان کي آسمان کان به اڳتي وٺي وڃي سگهي ٿي. ■

laikhraj9@gmail.com

موبائل فونن تي گهڻو وقت گذارڻ سان ٻارن ۾ صبر، تخليق ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي ٿي.

# اسڪرين جي روشني ۾ ٻارن جو اونداهو آئيندو؟ فيصلو اوهان تي آهي

ٻارن کي موبائل فونن جي دنيا کان پري رکي، ڪين ٿوري آزادي ڏيو ته هو پنهنجي مرضيءَ سان عام شين سان کيڏن. ان سلسلي ۾ کين مختلف رنگن واريون پينسلون ۽ پنا ڏنا وڃن. کين مٽيءَ جي ويجهو رکيو وڃي يا سادا رانديڪا ڏنا وڃن ته جيئن اهي ٿوري دير خفا رهڻ کان پوءِ نئين نئين قسم جون سوچون پالي خالي پنن تي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لڳندا.



امر فياض ٻرڙو

اڄ جي هن ڪارپوريٽ دنيا ۾ جڏهن هر طرف سمارٽ فونن جو راڄ آهي، پاڪستان ٽيليڪميونيڪيشن اٿارٽيءَ جي ڏنل انگن اکرن مان لڳي ٿو ته اسان جي گهرن ۾ ايتريون ڪتون ناهن هونديون، جيترا موبائل فون هوندا آهن. ۽جتي اسان جا ننڍڙا ٻار انهن رنگين اسڪرينن ۽ وڊيو گيمن جي دنيا ۾ گم ٿيندا پيا وڃن. حالت اها وڃي بيٺي آهي جو صبح جو ناشتو ڪرڻ کان وٺي رات جو سمهڻ تائين، ٻارن جو سڄو ڏينهن موبائيل، ٽيبليٽ يا ڊجيٽل راندين جي اسڪرينن سان گذري ٿو. پر سوال اهو آهي ته ڇا اهي برقي مشينون اسان جي ٻارن جي تخليقي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون يا انهن کي رهندو کهندو موڳو مٽر ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائين ٿيون؟ ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن کي سندن مِٽن سڄائڻ ۽ فرمائشن تي اهي موبائل وٺي ڏئي به ڇڏيون، ته ڇا اهو صحيح عمل آهي؟ اچو ته هن اهم موضوع تي ٿورو سوچيون ۽ ڏسون ته ٻارن جي نفسيات جي روشنيءَ ۾ انهن جي تخليقي صلاحيتن کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

ڏٺو وڃي ته انهن وڊيو راندين ۽ موبائلن ۾ ٻارن لاءِ وندر ته وڏي آهي، پر غور ڪجي ته اهي شيون اسان جي ٻارن جي سوچڻ ۽ تخليقي صلاحيتن کي محدود به ڪري ڇڏين ٿيون. جڏهن ٻار سڄو ڏينهن اسڪرين تي رانديون کيڏندا آهن، ته انهن جو دماغ صرف انهن موبائلن جي اندر تيار ڪيل مواد کي ئي استعمال ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي، ڪن تخليقي سرگرمين يا نين شين جوڙڻ ۾ نه! مثال طور، جيڪڏهن ٻار هڪ وڊيو گيم ۾ ويڙهاڪ بڻجي دشمنن کي شڪست ڏئي ٿو، ته هو رڳو گيم جي ٺاهيندڙ جي تخيل ۾ هلندو آهي. هُو پنهنجي تخيل کي استعمال ناهي ڪندو. اهڙي طرح موبائل فونن تي گهڻو وقت گذارڻ سان ٻارن ۾ صبر، تخليق ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت گهٽجي وڃي ٿي.

سائنسدانن ۽ نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته ٻارن جو دماغ ننڍي عمر ۾ هڪ خالي سليٽ وانگر هوندو آهي، جيڪو تجربن ۽ تخليقي سرگرمين سان پرجي ٿو. جيڪڏهن اسان ان کي صرف موبائل جي اسڪرينن جي حوالي ڪري ڇڏيون، ته گهڻو ڪري انهن جي سوچڻ جي صلاحيت هڪ دائري ۾ بند ٿي ويندي.

اسان اهو به ڏسون ٿا ته اسان جي سماج ۾ گهڻا مائر پيئر پنهنجي ٻارن کي خوش ڏسڻ چاهيندا آهن. جڏهن سندن ٻار نئين فون يا برقي رانديڪي لاءِ ضد ڪندا آهن، ته اهي سوچيندا آهن ته،"ٺيڪ آهي، کين ڏئي ٿا ڇڏيون. خوش رهندا!" پر ڇا اهو ڪم فائديمند آهي؟ جيڪڏهن اسان ٻارن کي هر شيءِ فوري طور تي ڏئي ڇڏيون، ته انهن ۾ صبر ۽ محنت جي عادت ختم ٿي ويندي آهي. ٻارن جي اندر تخليقي صلاحيتون تڏهن وڌنديون آهن، جڏهن کين ڪنهن شيءِ لاءِ سوچڻو پوي، ڪوشش ڪرڻي پوي ۽ پنهنجي ذهن کي استعمال ڪرڻو پوي. جڏهن ته اسان جي مٿئين روش يعني موبائلن جي تڪڙي پهچ ۽ فرمائشن جي تڪڙي پورڻتا ۽ انهن جي عارضي مزي جي عادت کين ڪاهل بڻائي ڇڏي ٿي.

انڪري پوري دنيا ۾ هاڻي ان مسئلي کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومتون گهڻو ڪجهه ڪري رهيون آهن. تازو فنلينڊ ۾ هڪ سروي کان پوءِ جيڪي سفارشون ترتيب ڏنيون ويون، انهن جي آڌار هتي انهن جو وچور پيش ڪجي ٿو ته جيئن پاڻ پنهنجي آئيندي جي معمارن جي تخليقي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهون:

1. ڪيڏڻ جو آزاد وقت:

ٻارن کي موبائلن جي دنيا کان پري رکي، ڪين ٿورو آزادي ڏيو ته هو پنهنجي مرضيءَ سان عام شين سان کيڏن. ان سلسلي ۾ کين مختلف رنگن واريون پينسلون ۽ پنا ڏنا وڃن. کين مٽيءَ جي ويجهو رکيو وڃي يا سادا رانديڪا ڏنا وڃن ته جيئن اهي ٿوري دير خفا رهڻ کان پوءِ نئين نئين قسم جون سوچون پالي خالي پنن تي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ لڳندا.



2. ڪهاڻيون ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ:

ٻارن کي دلچسپ قسم جون ڪهاڻيون ٻڌايو ۽ پوءِ کين چئو ته هو پنهنجي سوچن آڌار ڪهاڻيون ٺاهين. ان قسم جي چٽاپيٽيءَ لاءِ ننڍڙا انعام پڻ رکو. اهو طريقو سندن تخيل کي پرواز ڏيندو.

3. فطرت سان لاڳاپو:

ٻارن کي پارڪ ۾ يا ٻاهر کيڏڻ لاءِ وٺي وڃو. فطرت ۾ وقت گذارڻ سان انهن جي سوچ ۾ نئين توانائي ايندي.


4. سوال پڇڻ جي حوصلا افزائي:

ٻارن کان سوال پڇو جهڙوڪ: "جيڪڏهن تون هڪ پکي هجين ته ڪيڏانهن اڏرين ها؟" اهڙي قسم جا سوال انهن جي دماغ ۾ نئين سوچ لاءِ دروازا کوليندا.

5. برقي شين يعني موبائلن جو محدود استعمال:

موبائلن کي مڪمل بند نه ڪريو، پر انهن لاءِ سندن وقت مقرر ڪريو، مثال طور ڏينهن ۾ هڪ يا ٻه ڪلاڪ. باقي سندن وقت تخليقي سرگرمين ۾ استعمال ڪريو.

ان ڳالهه کان ڪو انڪار ناهي ته سمارٽ موبائل اسان جي زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪا آهن ۽ انهن کي مڪمل طور تي رد نٿو ڪري سگهجي، پر جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته اسان جا ٻار تخليقي ۽ خودمختيار سوچ رکندڙ بڻجن، ته کين اسڪرينن کان ٿورو پري رکڻو پوندو. انهن جي هر خواهش کي فوري طور تي پورو ڪرڻ بدران، کين سوچڻ، سمجهڻ ۽ تخليق ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. آخر ۾ ٻارن جو مستقبل انهن جي تخليقي صلاحيتن ۾ لڪل آهي، ۽ اهو اسان جي هٿن ۾ آهي ته سندن آئيندي کي سنواريون يا محدود ڪريون. ان ڪري اچو ته ٻارن کي موبائلن جي غلاميءَ بدران تخيل جي پرواز ڏيارڻ سيکاريون! ■



# شوڪت اڄڻ: اسان پهريون ڀيرو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ مليا هئاسين

شوڪت اڄڻ سان منهنجي پهرين ملاقات 2006ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿي هئي، جتي هُو پنهنجي دوست الطاف ميمڻ سان گڏجي آيو هو. قصو هي هيو ته، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار جي شايد هڪ سيٽ هئي، جنهن تي 50 کان وڌيڪ اميدوارن درخواستون ڏنيون هيون، جن کي هڪ ئي ڏينهن تي لکت ۽ زباني امتحان ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو هو. انهن ۾ مان به شامل هئس. لکت واري امتحان ۾ صرف چار اميدوار پاس ٿيا هئاسين، جن ۾ پهريون نمبر آءٌ، ٻيو نمبر الطاف ميمڻ، ٽيون نمبر شايد ساجد سومرو ۽ چوٿون نمبر مرحوم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو آيو هو. اُتي شوڪت اڄڻ تعارف ٿيو هو.





مختيار ابڙو

هي جهان ڏاڍو حسين ۽ پراسرار آهي، جنهن جي حسن ۽ پراسراريت هر انسان کي حيران ڪيو آهي. ان حيرانگي ماڻهن کي مجبور ڪيو آهي ته هُو ان جي "انت بحر جي خبر لهن" پوءِ ان کي پنهنجي هٿ وس هيٺ رکن. ان ۾ هو مڪمل طور ڪامياب ناهن ٿيا، تڏهن ئي ته سچل جهڙي ڪامل شاعر کي به چوڻو پيو ته، "انت بحر دي ڪل نه ڪائي رنگي رنگ ٻڌايا."

دنيا جون حسناڪيون ۽ رنگينيون ڪٿي ٽيون ڪنهن کي صبر سان ويهڻ ڏين. انسانن جي جستجو ۽ جدوجهد هٽي وڃي هنڌ ڪيو ته، جي هن دنيا دو رنگيءَ کي سمجهڻو آهي ته ان جي انسان کي سمجهڻو پوندو، جنهن جي اندر ۾ پڻ هڪ ننڍڙي ڪائنات وسي ٿي. مطلب اهو ٿيو ته، "جي ڪائنات ڪبريٰ کي سمجهڻو آهي ته پوءِ پهرين ڪائنات صغريٰ کي به سمجهڻو پوندو."

انسانن واري ڪائنات صغريٰ به ڪا اڪ جي ماڪي ناهي، جو جلديءَ ۾ لاهي وٺجي ۽ پوءِ ويهي ڪائجي. هي انسان جيڪو بظاهر آسان ۽ معصوم لڳندو آهي، اهو حقيقت ۾ ڏاڍو مشڪل آهي. هن جي اندر جو ڳجهه سومل جي سُٽ جيان آهي، جنهن کي سولائيءَ سان سُلجهائي نٿو سگهجي. پر ڪي ڪي انسان کُليل ڪتاب وانگر هوندا آهن، جن کي آساني سان پڙهي وٺبو آهي. اهي اهڙا انسان آهن، جو جيڪا ڳالهه سندس اندر ۾ هوندي آهي، سا زبان تي به هوندي آهي. هو جيڪو چوندا آهن، اهو ڪري ڏيکاريندا آهن. انهن وٽ ڪا به اِٽڪي ٻٽڪي ناهي هوندي. هو "سڌي راند سوٽي جي، ٻيڙي ٻڌي ڪوٽي جي" واري پهاڪي تي ڪاربند هوندا آهن. شاهه سائينءَ اهڙن ئي انسانن لاءِ فرمايو آهي ته، "ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه اچي بوءِ بهار جي."

اهڙي ئي بهار جي بُوءِ منهنجي دوست شوڪت اڄڻ جي به شخصيت ۾ به آهي، جنهن سعيدآباد جي سرسبز سرزمين تي بهار جي مند ۾ جنم ورتو. اهڙي ئي مُند جي لاءِ ابراهيم منشي به چيو هو ته، "هڪ مند چري آهي، ٻئي جا رات ٺري آهي...."

شوڪت اڄڻ سان منهنجي پهرين ملاقات 2006ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ٿي هئي، جتي هُو پنهنجي دوست الطاف ميمڻ سان گڏجي آيو هو. قصو هي هيو ته، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار جي شايد هڪ سيٽ هئي، جنهن تي 50 کان وڌيڪ اميدوارن درخواستون ڏنيون هيون، جن کي هڪ ئي ڏينهن تي لکت ۽ زباني امتحان ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو هو. انهن ۾ مان به شامل هئس. لکت واري امتحان ۾ صرف چار اميدوار پاس ٿيا هئاسين، جن ۾ پهريون نمبر آءٌ، ٻيو نمبر الطاف ميمڻ، ٽيون نمبر شايد ساجد سومرو ۽ چوٿون نمبر مرحوم ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو آيو هو.

اسان پاس ٿيل سڀ اميدوار ٻن پهرن کان پوءِ وائيس چانسلر جي آفيس ۾ انٽرويو ڏيڻ لاءِ وياسين. جيئن ته شوڪت اڄڻ به پنهنجي دوست الطاف ميمڻ سان گڏ موجود هئو، سو اُتي اسان جو هڪٻئي سان تعارف ٿيو، پر جيئن ته آءٌ انٽرويوءَ جي تياريءَ ۾ لڳو پيو هوس، ان ڪري هن همراه سان گهڻي ڪچهري نه ٿي هئي. باقي ايترو ضرور ٿيو هئو جو اسان ٻنهي جي ڪيمسٽري ميچ ٿي ويئي هئي. ٽيڪ پنجن سالن کان پوءِ 2011ع ۾ اسين ٻئچمنٽ ٿي وياسين، پر مون کي ياد نه آيو ته ڪو هي اُهو ماڻهو آهي، جنهن سان 2006ع ۾ ملاقات ٿي هئي، چاڪاڻ جو اُها ٻنهه ئي مختصر ملاقات هئي. پر ٽريننگ تي وڃڻ کان اڳ ۾ جڏهن پهريون ڀيرو ملي حال احوال ڪياسين ۽ ماضيءَ کي ساريوسين ته هڪدم هڪٻئي کي سڃاڻي وڏا ٺاڪر پاتاسين. اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين هن سان اهڙو تعلق جڙي ويو جو ائين لڳندو آهي ته، هو منهنجو ننڍو ۽ آءٌ هن جو وڏو ڀاءُ آهيان.

شوڪت اڄڻ خالي سٺو ۽ ايماندار بيوروڪريٽ نه آهي، پر هو دردمند دل رکندڙ انسان، سٺو ليکڪ، شاعر ۽ نقاد به آهي.

هونئن ته اسان جي ٻئچ اديبن، ليکڪن ۽ شاعرن سان ڀريل هئي، ۽ جن مان ٽاپ ڪندڙ نصرالله عباسي ته وڏو ليکڪ آهي. هن جا انگريزيءَ ۾ پڻ ڪتاب لکيل ۽ ڇپيل آهن، جيڪي سي ايس ايس جا شاگرد پڙهي امتحان ڏيندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اسان وارو هيءُ يار اڄ تائين انهن ڪتابن جي ڪمائي ڪائيندو رهي ٿو. ساڳئي وقت سائين عنايت شاهه تمام وڏو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ مزاحمت، سماجي اشوز ۽ رومانس ملندا. هن جا به ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. يوسف شيخ به گهٽ ڪونهي. هن جا به ڪن ڪتاب آهن، جيڪي ترجمو ڪري هن سنڌي ادب ۾ پنهنجو حصو وڌو آهي. سندس ترجما ڏاڍا سولا ۽ رس ۽ چس وارا آهن. سندس اهي ترجما پڙهڻ سان ائين لڳندو آهي، ڄڻ اهي اصلوڪا هجن. حق نواز شر به بهترين ليکڪ آهي. هن جو سنڌي ادب جي تاريخ تي لکيل ڪتاب ادب ۾ سٺي جاءِ والاري ٿو. سندس ٻيو ڪتاب يادگيرين تي مشتمل آهي، جيڪو جلد ڇپجي پڌرو ٿي ويندو. انهن سان گڏ نوجوان فياض راهوجو به ليکڪ آهي، جنهن جا تبصرا ۽ ٻيا ليک پڙهندڙن کي موهيندا رهن ٿا.

شوڪت اڄڻ جو اڃا تائين ته ڪو ڪتاب شايع ناهي ٿيو، پر سندس سوين ليک ڇپيا آهن، جيڪي ٽڙيل پکڙيل آهن. شوڪت اڄڻ جا پسنديده شعبا آهن: شاعري، ڪهاڻيون، تاريخ ۽ فلسفو. هو هڪ سٺو نقاد به آهي، ته سٺو مقرر به آهي، پر انهن سڀني کان وڌيڪ هو هڪ سٺو انسان آهي. هو هڪ سٺو دوست، ڀاءُ، پٽ ۽ پيءُ آهي. سڀ رشتا نڀائي ڄاڻي. هُو منافق ناهي. مُنهن تي سچ چوڻ وارو آهي. هو اڄ جنهن به پوزيشن تي آهي، اتي به صرف ۽ صرف پنهنجي محنت جي ڪري آهي، تنهن ڪري هو نوجوانن جي لاءِ مشعل راهه آهي.

شوڪت اڄڻ سعيدآباد لڳ هڪ ننڍڙي ڳوٺ پليڊنو ڪاڪا مان نڪري تمام وڏي عهدي تي پهتو آهي، جيڪو سندن صلاحيتن ۽ محنتن عيوض حق به آهي. سندس شخصيت ۾ بهار جي چري مند وارو اثر به آهي ته، هو فطرت پرست ۽ حسن پرست آهي، ته وري ٺريل رات وانگي ٿڌو گهڙو به آهي، جو مون ڪيس ڪڏهن به ڪوسو ٿيندي ناهي ڏٺو، بلڪ لطيف سرڪار جي هن بيت جو عڪس لڳندو آهي ته، "تتيءَ تان ڏيان پاراتو پرينءَ کي." آئون ڏٽيءَ در دعاڳو آهيان ته ڪيس وڏي ڄمار نصيب ٿئي ته جيئن هو پنهنجي امڙ ۽ پنهنجي دل جون مڙئي مرادون پوريون ڪري سگهي، جيڪي امان ۽ هن راتيون جاڳي پنيون هونديون. ■

## غزل



پارومل امراڻي سوٿهڙ

اکين اڏارون معنيٰ رکن ٿيون
مرڪن مَيارون معنيٰ رکن ٿيون

نور مٺي جو قسم کڻندي
منهنجون پچارون معنيٰ رکن ٿيون

اُڀ ٽڪيندي ساهه ٽڏي سان
نيڻ نهارون معنيٰ رکن ٿيون

چنگ هجي ته سڀ ڪو سمجهي
تن جون تارون معنيٰ رکن ٿيون

ڪل خوشبو گل پيئي گفتا
جوين بهارون معنيٰ رکن ٿيون

دلداري جي پنهنجي دنيا
نينهن نهارون معنيٰ رکن ٿيون

تنهنجي جيتڻ جس نه پاتو
منهنجون هارون معنيٰ رکن ٿيون

دوست کهڙي ڏگ ڇڏيندا
دردن قطارون معنيٰ رکن ٿيون.

# ڪاٽي

انور ابڙو


علامتي تصوير ظهير بسمل جي وال تان ورتل

منهنجي ننڍي ڀاءُ ڳوٺ ۾ پنهنجين زمينن جي واهيءَ جي ڪاٽي تي ڪنئي. فون ڪري ٻڌايائين ته، ”ادا جريب تي هڪ ڪانو ڪاٽيءَ جي مزدوري اڍائي سئو رپيا آهي، سو سوچيم ته، پنهنجن ڏهن جريبن جي، پنهنجي حصي جي پاڻ ڪاٽي ڪٽي پنجويهه سئو رپيا بچايان... هيڏي مهانگائيءَ واري دور ۾ عيد جي لاءِ گوشت جو هڪ ڪلو ڪجهه سائي ڀاڄي، ۽ ٻئي خرچ جا ڪجهه پيسا بچي پوندا.“

مون ڪيس شاباش ته ڏني سندس اِن محنت تي، پر مان سوچ ۾ پئجي ويس ۽ سوچڻ لڳس: ”وڏي واهه تي، جتان هِن جي زمينن ڏانهن پاڻي ايندو آهي، اُن جي منڍُي تي ته وڏو زميندار پنهنجي نئين ڪٽ لاءِ نوان لُول پيو لڳائي. هِن لاءِ ته هِن سال سارين جي پوکيءَ لاءِ پُورو پاڻي به اچي سگهندو الائي نه، ۽ هيءُ ان صورتحال کان بيخبر تي ڪوڙر جي هر لپي سان پاڻيءَ اچڻ جي اميد جوڙي ويٺو آهي.“

پنهنجي ننڍي ڀاءُ جي معصوم بيخبريءَ ۽ اميد مون کي ڏکارو ڪري ويئي. ■

# ڪتاب: مٽي (شاعري) _ شاعر: سميع سجاد ميراڻي

# سميع سجاد ميراڻيءَ جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب



روشن شيخ






سميع سجاد ميراڻي هڪ خوبصورت ۽ الڳ لهجي وارو شاعر آهي. اسان ٻنهي گڏ ادبي سفر شروع ڪيو هو. مون پاڻ کي وکيري ڇڏيو. نثري نظمن کان علاوه ڪالم ۽ ڪمپيئرنگ کي پنهنجي شوق ۾ شامل ڪري ڇڏيم. پر سميع سجادَ پاڻ کي صرف شاعريءَ تائين ئي محدود رکيو. هيءُ شروعات کان ئي غزل جو شاعر رهيو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته، غزل سندس محبوب صنف آهي ته، اها ڳالهه سئو سيڪڙو درست ثابت ٿيندي. ناليواري شاعر سجاد ميراڻيءَ جي هن فرزند (سميع سجاد) جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب ”مٽي“ جي نالي سان تازو ئي شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ غزل، وايون، ترائيل، نثري نظم، بيت ۽ نظم شامل آهن.


”رب سو ڏينهن شال آڻي نه،
هوءَ مون سان ملي سجاڻي نه.“

هن ڪتاب جو مهاڳ ناليواري شاعر محترم اياز گل لکيو آهي، جڏهن ته سجاد ميراڻي، شائق ڪمبوهه ۽ ڪي ايل ”ڪندن“ جا سميع سجاد ۽ سندس شاعريءَ بابت رايا شامل آهن. ”پنهنجي پاران“ واري صفحي ۾ صاحبِ ڪتاب پنهنجيءَ دل جون ڳالهيون لکيون آهن. جڏهن ته امر اياز مهر ۽ عبدالرزاق ”آزاد“ ميراڻي جا فليپس تي رايا لکيل آهن. بئڪ ٽائيٽل تي ڊاڪٽر حنا ڪاڪيپوٽو جا ڪمينٽس ڏنل آهن. سونهن پبليڪيشن پريالوءِ پاران 128 صفحن واري شايع ڪيل ساهه ۾ ساندڻ جهڙي هن ڪتاب جو ملهه 400 رپيا آهي. ■

# انگريز دور جو 91 سال پراڻو اريگيشن بنگلو نه بچندو

جوهي شهر ۾ موجود اريگيشن بنگلو پنهنجي مضبوط تعمير سبب اڄ به 91 سال گذرڻ باوجود موهيندڙ ڏيک ڏيئي رهيو آهي. ان جي باوجود وقت جي حاڪمن جي بي ڌياني ۽ نظراندازيءَ سبب هيٺو نظر اچي ٿو. هن بنگلي کي ڪوٽ ڏنل هئو ۽ انگريزن جي واڪ ٽريڪ ٺهيل هئو، پر شهرين ان جون پٽيون پٽي پنهنجي ڪالونين ڏانهن رستو ٺاهي ڇڏيو آهي. ملازمن جو رهائشي ڪوارٽر ۽ آفيسون پڻ مرمت نه ٿيڻ سبب ڊهي ويو ن آهن. 2022 ع واري ٻوڏ ۾ جوهي شهر کي بچائڻ لاءِ ڏنل رِنگ بند جي مِٽي هن اريگيشن بنگلي جي گرائونڊ مان کنئي وئي هئي.

اڪبر لاشاري



1934 ع ۾ جوهي تعلقي جي آبپاشي نظام جي نظرداري ۽ ان کي هلائڻ لاءِ انگريز سرڪار اٽڪل 3 ايڪڙن تي مشتمل ايراضيءَ تي پنهنجي رهائش لاءِ هڪ خوبصورت بنگلو ٺهرايو هو. ان سان گڏ ٿوري مفاصلي تي ملازمن جي رهائش لاءِ پڻ بنگلي نما ڪوارٽر تعمير ڪرايا هئا. جوهي شهر جي مين روڊ تي هڪ پاسي رهائش لاءِ ۽ ٻئي پاسي آبپاشي جي عملي لاءِ آفيسون ٺهرايون ويون هيون. اريگيشن بنگلي جي اڏاوت ۽ نقشو هن جديد دور ۾ به حيرت ۾ وجهندڙ آهي. ويڪريون ديوارون ۽ هوا جي رخ ۽ روشنيءَ جي لاءِ گرم موسم کي مدنظر رکي اتر ۽ ڏکڻ کان دريون ۽ دروازا ڇڏيا ويا هئا، جن مان اونهاري جو ڏکڻ جي هوا اچي ٿي، ته سياري جو اتر جي ٿڌي هوا ڪمرن کي رومانٽڪ ماحول ڏيو ٿي ڇڏي. انگريز عملدارن بنگلي جي چوڌاري تمام گهڻا وڻ لڳايا هئا، جن ۾ انب، توت ۽ زيتون جا وڻ قابل ذڪر آهن، پر هن وقت انهن مان هڪ به وڻ نه بچيو آهي. هينئر رڳو بيد مشڪ جا ڪجهه وڻ لڳل آهن.


تصور ڪري سوچجي ٿو ته، اونهاري جي شام جو سج جو تاءُ جهڪو ٿيندي ئي بنگلي جي ڇت تي انگريز عملدار ويهي لهندڙ سج جي سونهري ڪرڻن جي روشني ۽ وڻن تي ورندڙ پکين جون ٻوليون ٻڌندا هوندا ۽ اونهاري جي سخت گُهٽ ۽ ٻُوسٽ واري موسم ۾ چوماسي جي برساتن دوران جڏهن هوا بلڪل بند ٿي ويندي هوندي ته ڇت تي لوهي فريم سان لڳل مضبوط جهليءَ کي سندن ملازم هٿ سان ڇڪيندا هوندا ۽ هُو گورا آرام ڪندا هوندا. اهو لوهو فريم هينئر به بنگلي جي ڇت تي لڳل آهي.

هي بنگلو پنهنجي مضبوط تعمير سبب اڄ به 91 سال گذرڻ باوجود موهيندڙ ڏيک ڏيئي رهيو آهي. تڏهن به وقت جي حاڪمن جي بي ڌياني ۽ نظراندازيءَ سبب هيٺو نظر اچي ٿو. هن بنگلي کي ڪوٽ ڏنل هئو ۽ انگريزن جو واڪ ٽريڪ ٺهيل هئو، پر شهرين ان جون پٽيون پٽي پنهنجي ڪالونين ڏانهن رستو ٺاهي ڇڏيو آهي. ملازمن جو رهائشي ڪوارٽر ۽ آفيسون پڻ مرمت نه ٿيڻ سبب ڊهي ويو ن آهن. 2022 ع واري ٻوڏ ۾ جوهي شهر کي بچائڻ لاءِ ڏنل رِنگ بند جي مِٽي هن اريگيشن بنگلي جي گرائونڊ مان کنئي وئي هئي، انڪري هن تاريخي بنگلي جي ٻنهي پاسن کان وڏا کڏا پئجي ويا آهن. برسات جو پاڻي کڏن ۾ پوڻ سبب انهن جا ڪپر ڪرندا وڃن ٿا ۽ کڏا ويڪرا ٿيندا اچي بنگلي جي ديوارن سان لڳا آهن. جيڪڏهن آبپاشي کاتي فوري طور تي هنن کڏن کي



نه پورايو ته ايندڙ ٿوري وقت ۾ هي انگريز دور جو تاريخي يادگار بنگلو ڊهي پٽ پئجي ويندو.

هن وقت هن بنگلي جي سنڀال لاءِ آبپاشي کاتي جا ٻه ملازم به رکيل آهن، تنهن هوندي به بنگلي جي گرائونڊ تي، چئني پاسن کان گندگيءَ جا ڍير آهن ۽ آڳنڌ تي برساتن جو پاڻي تلاءُ بڻجي بيهي رهندو آهي. آبپاشي کاتي جي آفيسن واري پلاٽ تي گهڻي ڀاڱي قبضا ٿي ويا آهن ۽ اڪثر آفيسون زبون حال ٿي ويون آهن. ■


سڀاڻي ٿيندڙ عيدالفطر تي ڪي ٽي اين جي خاص نشريات:

# ٽيلي فلمون، ڊراما، ڊاڪيومينٽريز ۽ ٻيا پروگرام پيش ڪيا ويندا



اظهر جوکيو





هر عيد جيان هِن عيدالفطر تي بہ سنڌ جي مقبول چينلس: ڪي ٽي اين نيوز، ڪي ٽي اين انٽرٽينمينٽ ۽ ميوزڪ چينل ڪشش، خاص پروگرام تيار ڪيا آهن.ٽيلي فلمون، مزاحيہ ڊراما، ڊاڪيومينٽريز، خاص رپورٽس، ٽاڪ شوز، ڳالهہ ٻولهہ توڙي تفريح تي مشتمل ٻيا پروگرام عيد جا چارئي ڏينهن ڪي ٽي اين ۽ ڪشش جي ڏسندڙن کي چاڻ ۽ تفريح مهيا ڪندا.


اها حقيقت آهي تہ دنيا ۾، جتي بہ سنڌي آباد آهن، اهي ڪي ٽي اين ۽ ڪشش سان پيار ڪندا آهن، ۽ انهن تان پيش ٿيندڙ پروگرام وڏي شوق ۽ دلچسپيءَ سان ڏسندا آهن، ۽ هِي عيدن وارا پروگرام تہ هوندا ئي خاص آهن، جنهن ڪري اهي ڏسڻ، شايد ئي ڪو وساريندو هوندو.

ڪي ٽي اين نيوز ۾ پڻ مختلف اسٽيشنس تان رپورٽرس جون خاص رپورٽس تيار ڪرايون ويون آهن، جيڪي عيد جي ڏينهن تي ٽيليڪاسٽ ٿينديون. ساڳي طرح ”ڪشش“ تان خاص گيت پيش ڪيا ويندا.

اهو سچ آهي تہ عيدون اسان کي جوڙين ٿيون ۽ ڪي ٽي اين وري سموريءَ سنڌ کي بنا ڪنهن رنگ نسل ۽ ٻئي فرق جي،

جوڙي ٿي.

ڪي ٽي اين جي اها بہ خوبي رهي تہ، ان رمضان شريف جي سموري مهيني ۾ خاص پروگرام ٽيليڪاسٽ ڪيا، جيڪي ڏسندڙن تمام گهڻا پسند ڪيا. اصل ڳالهہ اها آهي تہ اوهان پنهنجي ڏسندڙن سان جڙيا رهو ۽ اُنهن کي سندن ذهني آبياري


















ڪندڙ پروگرام ڏيو، پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه هو اوهان کي پيار پري پرپور موٽ ڏين ٿا، ۽ ڪي ٽي اين اهڙو پيار هر وقت حاصل ڪيو آهي.

عيد جا چارئي ڏينهن هلندڙ خاص نشريات ۾ هڪ پروگرام جا ميزبان: ڪرن مير ۽ زهيب چانديو، ٻئي جا صدف پٿو ۽ سعديه چنه، ٽئين جا شازيه ڪريم ۽ علي رضا ڪٽپر ۽ چوٿين جا نيلم ايلف ۽ مظهر سينار هوندا. انهن پروگرامن ۾ زندگيءَ جي مختلف طبقن جون ناميارين شخصيتيون شرڪت ڪنديون، جن ۾ خاص طور هي آهن: جي ايم جمالي، مشتاق سرڪي، امتياز علي، جهانزيب علي، ايس پٽي، منظور دانش، امتياز سومرو، احمد علي چانديو (سگهڙ)، علي نواز لنجواڻي (سگهڙ)، مهرين، ممتاز خاصخيلي، غلام مصطفيٰ خاصخيلي، اي جي ٻرڙو، منور سومرو، نور ارباب، ميرخان بنگلاڻي، رياض لاڪو، عاشق کهيري، اقبال شاهه، ندا شيخ، سني



سولنگي، عزيز پٿو، ناشاد رضوان، صدام ابڙو، پيا رنڌاوا، لائيبه علي، ناديا چنه، عيني چنه، نسرين ناز، شمين شيخ، پري ساگرَ، بشارت عباسي، اعظم شيخ، جاويد ٿاڪاني، جاويد خاصخيلي، ساجده سڪندر، شانزه بتول ۽ زيبا بلوچ. انهن



ڪانسواءِ ڳائڻن ۾ مقبول عارفاڻي، شيراز علي ميرالي، سجاد بڪيجو، ڪامران سولنگي، شاهد پنگوار، ياسر سمون، علي سمون، سدره طاهر، وسيم ڏهر، تنوير علي، عارفه نياز، مهڪ ماروي، صنم ماروي، فقير اعجاز خاصخيلي ۽ مرڪ محبوب شامل آهن.

عيد جي موقعي تي ٽيلي فلم ”پڳ ۽ پلاڻڊ“ پيش ڪئي ويندي، جيڪا سجاد اوڏ جي لکيل آهي ۽ ان جون هدايتون ظفر ڪوڪر ۽ ممتاز خاصخيليءَ ڏنيون آهن. ان جي ڪاسٽ ۾ اسد قريشي، عاصمه پٿو، بلاول ڪوڪر، نثار شاهه ، جاويد ابڙو ۽ ٻيا شامل آهن. ان ڪانسواءِ ٽيلي فلم ”پرديس ۽ پيار،“ ٽيلي فلم ”شيردل،“ ٽيلي فلم ”ڪارو ڄٽ،“ ٽيلي فلم ”باڪ،“ ٽيلي فلم ”توسان شادي ڪير ڪندو،“ ۽ ٽيلي فلم ”لاڏلي“ پيش ڪيون وينديون. عيد جي موقعي تي ”هوجمالو عيد اسپيشل“ پڻ پيش ڪيو ويندو.

مزاحيه ڊرامن ۾ منور ابڙي جو ٽن قسطن وارو لکيل مزاحيه ناٽڪ ”مان عيد پيڪين ڪنديس“ پڻ پيش ڪيو ويندو، جنهن جون هدايتون امتياز سومري ڏنيون آهن، جڏهن ته ڪاسٽ ۾ناديه چنه، پري ساگر، ايس پٽي، سرفراز پنهور ، نينا منير ۽ ٻيا شامل آهن. هڪ ٻيو ٽن قسطن تي ٻڌل مزاحيه ناٽڪ ”بمپر عيد پرائيز“ رياض پارس جي هدايتن هيٺ پيش ڪيو ويندو، جيڪو لکيل به ان جو ئي آهي. ان ۾ سره شيخ، ڪشور جبين، لائيبه بلوچ، سني سولنگي، پارس رياض ۽ عقيل قريشيءَ فني جوهر ڏيکاريا آهن. ■

# عيد الفطر تي جاري ٿيندڙ فلمون

عيد الفطر تي سينما گهرن ۽ او ٽي ٽي پليٽفارمس تي دلچسپ فلمون جاري ٿي رهيون آهن. هن عيد تي لاليووڊ، باليووڊ ۽ هاليووڊ جون هر عمر جي ناظرين لاءِ ايڪشن، ڊراما، ڪاميڊي ۽ اينيميشن جو هڪ رنگارنگ ميلو نظر ايندو. انهن مان ڪجهه فلمن جو هِتي ذڪري ڪجي ٿو.

## ڪبير: هڪ روايتي ايڪشن فلم




نيها لاج جي هدايتڪاري هيٺ تهيل ”ڪبير“ فلم ۾ وينٽيج باليووڊ جو جادو ۽ جديد ايڪشن جو ميلو آهي. جيتوڻيڪ تفصيل ڪجهه پوشيده آهن، پر ٽيزرس مان ظاهر آهي ته هيءَ هڪ زبردست وندرائيندڙ فلم هوندي.

## مارشل آرٽسٽ: هڪ اسپورٽس ڊراما



شازخان ۽ صنم سعيد اسٽارر ”مارشل آرٽسٽ“ هڪ انڊرڊاگ ايم ايم اي فائٽر جي فتح جي ڪهاڻي آهي. ”روڪي“ ۽ ”شاهه“ جهڙين فلمن کان متاثر، هيءَ فلم شدت واري ايڪشن ۽ جذباتي گهرائيءَ سان ڀريل آهي.

## قلفي– هڪ هيئسٽ ڪاميڊي



شهروز سبزواري، جاويد شيخ ۽ عدنان شاهه ٽيپو اسٽارر ”قلفي“ هڪ هيڪر جي، چور ۾ تبديل ٿيڻ جي ڪهاڻي آهي. مزاح ۽ ٿِرل سان ڀريل هي عيد تي تفريح لاءِ بهترين چونڊ آهي.

## ماءِ ڊيڊي ماءِ سپر هيرو: هڪ اينيميشن فلم

فهد مصطفيٰ جي آواز ۾ رڪارڊ ٿيل هيءَ ٿري ڊي اينيميشن فلم هڪ خانداني رزميو جوڙي ٿي. ”دي ڊانڪي ڪنگ“ جي ٽيم جي هدايتڪاريءَ هيٺ تهيل هيءَ فلم ننڍن وڏن، سڀني کي موهڻ ۽ مندڻ جي صلاحيت رکي ٿي.




## سڪندر: سلمان خان جي عيد بلاڪبسٽر (30 مارچ)



سلمان خان، جيڪو عيد جي فلمن سان سڄاتو وڃي ٿو، اهو هن سال اي آر مرگادوس جي هدايتڪاريءَ ۾ ”سڪندر“ سان موٽي آيو آهي. هيءَ فلم رشميڪا مندنا سان سندس پهرين فلم آهي، جيڪا هڪ شخص جي بدعنوانيءَ خلاف جدوجهد جي ڪهاڻي بيان ڪري ٿي. سلمان خان جون عيد واريون فلمون هڪ روايت بڻجي چڪيون آهن، ۽ ”سڪندر“ به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي■.